


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نگاهُون نيراگُل

(شاعري)

soorihsindhiadab

ايوب کوسو

گلشن پبليڪيشن
حيدرآباد/ لاڙڪاڻو 2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

كتاب جو نالو: نگاھُون نيرا گل

موضوع: شاعري

شاعر: ايوب کوسو

ڇاپو پھريون: جنوري 2006ع

ڇپائيندڙ: گلشير بلوچ،
گلشن پبليڪيشن، گھر نمبر HCB_1816،
ممتاز ڪالوني، قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد ـ سنڌ

ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز، حيدرآباد.

پيسٽنگ: عبدالسلام پٽو

ٽائيٽل ڊزائين: موھن

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: عبدالڪريم سومرو ۽ ڪيشو لال
انٽيل ڪميونيڪيشنز، ٩- ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد. فون: 2721172


حق ۽ واسطا محفوظ

---

**NIGAHOON NEERA GUL [Poetry]**

*By Ayoub Khoso*


Edition: First
Year: January, 2006
Title Design: Mohan
Published by Gulsher Baloch, Gulshan Publication, HCB-1816.
Mumtaz colony, Qazi Abdul Qayoom Road, Hyderabad, Sindh.
Composing & Printing: Intel Communications, Rabi Chamber,
Hyderchowk, Hyderabad, Tel: 0092-22-2721172
Book No.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

عشق جي حامي حضرت سچل سرمست جي نالي،
سنڌ جي اُنهن نوجوانن جي ارڙاين جي نالي،
جَيڪي ضمير، سچ، انسانيت ۽ پُونءَ جي بقا لاءِ،
نہ جبر آڏو جُهڪن ٿيون، نہ ڊِڄن ٿيون!
محبتن جي ناز ۽ محبوبائي جي موسم جي نالي!
هارين جي هٿن، پاٽيارين جي پيرن جي نالي!
اُن عشق جي نالي جيڪو لامحدود بڻائي ڇڏي ٿو!

soorhsindhiadab

## سٽ


| | |
|---|---|
| شاعر پاران | 9 |
| غزل | 13 |
| نظم | 57 |
| غدار هُئا جن گهار هُئا | 59 |
| ڪجلا سَر ڪي ڪير ٻڌائي؟ | 61 |
| ويلا آهي وڇڙڻ جي! | 63 |
| بارشون وڌي ويون! | 65 |
| اڪيون قاتلن ڪان ڪُسائيون نہ آهن! | 66 |
| اجايو جانُم! | 67 |
| اڄ. . . ! | 68 |
| دوستو اچڻ ڏيو! | 69 |
| ڪيڏا وحشي هُل آهن! | 70 |
| وشواس ڏي | 72 |
| وفا ڪٿي آ!؟ | 73 |
| ڪيٽي بندر تي سوچجو! | 75 |
| منهنجا پهر اُجارين تي! | 77 |
| اِهو عشق نقطو اسان ڪي ٻڌايو! | 78 |
| هُنن ڪي چئو! | 79 |
| چو سنڌ آهي تماشو ٿِي وئي!؟ | 80 |
| آرس آهي مقتل جو! | 82 |
| ڪِري جڻ چنڊُ پيو آهي! | 84 |
| اُتي دل وساري! | 85 |
| درد ڪو خواب آ! | 87 |
| سنڌُ جي پايَل لڳي | 88 |
| قهر اِهو ٿيو! | 90 |
| درد هينئين تي جاڳي تو! | 92 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳهر پري ڪر نيڻ جي! 94
ڳجهارت ڪاٿ هُوءَ آهي! 96
ننڊ ناهي اچان! 98
اِهو ڪوڙ ناهي! 100
مان ڏيئو سنڌ جو آهيان! 102
زندگي ڳولجي! 104
پُورب جي هوا احوال ٻڌا!! 105
هي سڏ وراڻي آ ساڳي 106
چنڊ ڪڏهن مرندو ناهي! 107
ڏک جو هيل نہ ڪاٿو آ! 109
پنهنجا عشق بغاوت يارو! 110
لِکون پنهنجي تاريخ! 111
امن جو ڪنڌ ئي ناهي! 112
لُٽيل اپريل 113
ٿي سگهي ٿو...! 115
ٻُڌا ستمگر! 117
توکان سوا...! 119
پُور ڪنوارو 120
خواب ڳوليندا رهيا! 122
موسم نيٺ بدلثي آ! 124
مهڪيا گلاب ناهن! 126
ضرورت آ...! 128
ذلالتن جا اُگهاڙا منظر! 130
خوشبو ڪاڏي ڦاهي آ! 132
فيصلو ڪو ڪيون! 134
خزان جي ننگي نينگر! 135

**وايون/ گيت** 137
**ٽريءَ ناريءَ جو گيت** 151
**چؤسٽا** 153

soorihsindhiadab

# شاعريءَ تتل واٽن تي هلندي آهي!

شاعريءَ ڪجي! ڪاغذ قلم کڻي ويهڻ ڪانپوءِ موڊ ناهي شعر لکڻ وارو تجربو پاڻ ڪڏهن ناهي ڪيو سچ پڇو تہ موڊ ناهي ڦوتو ڪڍائڻ بہ ڏکيو ۽ عجيب مرحلو لڳو آهي. هي تہ وري بہ شاعريءَ جهڙي معصوم ڪنواريءَ اپسرا جي گهاٽن ڍگهن وارن ۾ آڱرين ڦيرائڻ جي حسين وارتا آهي. ڪو يوڳ ناهي، جو زوريءَ اُن جي ٻانهن جهلي ڪيس ترسي پوڻ جو چئجي! بهرحال ائين ضرور ٿيو آهي، جو ٻنن، ٻنين ۾ مسافريءَ ۾ هوندي/هلندي، هڪڙي ڪيفيت، هڪڙو وجد اوچتو من ۾ ڪنهن لاوي جيان ٻڙڪڻ لڳندو آهي، تہ پوءِ ڪاغذ ڳولڻا پوندا آهن. آئون سمجهان ٿو جيئڻ ڪنهن درد وچان، ڪنهن ڪرب مان ڪا دانهن نڪري هوا ۾ رهجي ويندي آهي، ائين ئي روح جي ڪا رڙ ڪاغذ تي ڪري پوندي آهي، جنهن کي پوءِ ڪو نظم چوندو آهي، تہ ڪو غزل سمجهندو آهي! بس اِهائي حقيقت آهي، جنهن سان مَن جو نينهن ائين اڙيل آهي، جيئن آڙيءَ جو پاڻي سان ۽ روهيڙي جو ٿر سان نينهن جَڙيل آهي، ڪو مڃي يا نہ مڃي، پر دل جي ڳالهہ اِها آهي تہ ڪو هڪ عشق تہ سڀ ڪو ڪري ٿو پر شاعرن جي عشق جي انفراديت/نواڻ اها آهي جو هڪ شاعر هڪ عشق مان ٻيو نئون عشق ڳولي ڪڍندو آهي، جنهن مان وري ڪو نئون عشق نسري پوندو آهي، شاعر جمود جو ڪڏهن بہ حامي ناهي رهندو هُن جو رومانوي سفر اڻٽڪ هوندو آهي، تڏهن ئي تہ شاعريءَ سالن تائين شاعر جي من ۾ موجود رهندي آهي، جيڪا جواٽي جا آرس ٽي اُپرندي آهي تہ ڪڏهن چيتي جون اکيون ٽي اُلرندي آهي! "دنيا رهڻ جي لائق ناهي رهي!" وارو بيوس خيال پري ڪرڻ لاءِ شاعريءَ، وقت جي تتل واٽن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلندي آهي. ڇو جو شاعريءَ ڇڱي ريت اِهو ڄاڻي ٿي ته دنيا کي رهڻ لائق بڻائڻ انسان جي سوچ، عقل، ۽ ڪردار جو ڪم آهي، اُنهن جي سُنائي ۾ ماحول سُنا ٿاهيا ويندا آهن. اُنهن جي جمود جي ڪري ماحول بگاڙيا ويندا آهن. تڏهن ئي شاعريءَ کي نياپو ڪٽي اڳيان ايندي آهي.

اڄ جي هِن دؤر ۾ هڪ رڙ اُڀي ٿيل آهي ته ”امن وڃائجي ويو آهي!“ حقيقت به ته اِهائي آهي، ته اسان ڪنهن ڪوري گهڙي تي هٿن جي ڇينڇُن ۾ پاتل چِلڙن سان تخليق ڪيل ڪا بانوريءَ ڏُن ٻُڌڻ لاءِ ترسي ويا آهيون! صُبُح جنازا، شامون جنازا، راتيون جنازا، روح جنازا، انسانيت جا قدر جنازا، عشق جا تقدس جنازا، جنازا ئي جنازا. هاڻ اهڙي ماحول ۾ شاعريءَ، ڌرتيءَ جي عشق، ۽ پرين جي پيار کان سواءِ بي خوبصورتي آهي به ڇا ۽ ڪهڙي؟ اِهو سوال اُڏريل ڪنهن ڪونج جيان آهي. جنهن جو جواب هرڪو پنهنجي مَن ۾ ڳولهي لهي ته بهتر آهي! باقي سڄي ماحول جو جيڪو اهڙو عجيب روپ آهي تنهن لاءِ اردو جي خوبصوت شاعر خليل رامپوري جون هي سٽون بنهه سچ لڳن ٿيون جنهن لکيو آهي ته:

”پنهنجي ماحول کان هوشيار رهو اي ماٺهوئڙو
شيطانن ۾ ڪو ماچيس ورهائي رهيو آهي،
پڪي شور ڪن ٿا ته اُنهن کي اُڏاريو وڃي ٿو
۽ ماٺهن کي تهه خانن ۾ واڙيو وڃي ٿو!“

دوستو! ڌرتيءَ جي سمورين ماٺرن جون اکيون شاعريءَ جا دلفريب ڪتاب آهن! جن کي اڄ به فلوجا کان ڪوهه ڪاف تائين، رماد کان سنڌ تائين اُجاڙڻ ۽ پُنيءَ ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي. وڏو سانحو اهو آهي ته عالمي طاقتن اڄ جي هِن دؤر ۾، عالمي فڪر، ادب ۽ آرٽ کي مفلوج بڻائڻ ۽ ڪُچلي ڇڏڻ وارو رستو اختيار ڪيو آهي. رجعت پسندن، ۽ طاقتورن سُونهن کي تيلي ڏئي ڇڏي آهي ۽ دهشتگردن انسانن جا ٽُڪرا بمن سان هوا ۾ اُڏائي ڇڏيا آهن. ساهه مُنجهائيندڙ ههڙي دؤر ۾ ضرورت آهي ته وڌيڪ جذبي ۽ شدت سان آرٽ تخليق ڪري، منافق، دقيانوس، انتهاپسند ۽ بيرحم قوتن جي سامهون احتجاج ۽ مزاحمت طور ڪولي آندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڃي. اُنهن جي ڳچيءَ مان جهليو وڃي، ۽ امن جي صبح، جياپي ۽ آجپي جي خُوشبوءِ لاءِ، زندگين کي پيار ۾ بدل سَدَ ڏنا وڃن. تہ جيئن انسانن جون اکيون جتي بہ نهارين، اُتي اُنهن کي بهار جهڙي شاعري، رابيلن جهڙا ٻار محبوبائي ۾ وهنتل محبوبائون ۽ ٻاجهارين امڙيون مُرڪندي ۽ ٽهڪ ڏيندي نظر اچن.

”نگاهون نيرا گل“ اهڙن ئي خيالن، خوابن، محبتن ۽ مزاحمتن جو هڪڙو دلي ۽ احساساتي پورهيو آهي. جنهن لاءِ ڪابہ دعويٰ ناهي. عشق ۾ ڪابہ دعويٰ ناهي نهندي، ڇو جو عشق دعوائن لاءِ ناهي ڪيو ويندو عشق تہ فقط دلبرين، وابستگين، ۽ انسانيت کي اُجرو ڪرڻ/رکڻ لاءِ ڪيو ويندو آهي. هِن مجموعي ۾ نئين شاعريءَ مختلف صنفن ۾ پيش ڪندي دلي سرهائي تي رهي آهي، منهنجي شاعراڻي پورهئي کي هيلتائين سنڌ جي سڄاڻ دلربا نئين نسل، توڙي سينيئر ٿهي جيڪي بہ نہ وسرندڙ مُحبتون ڏنيون آهن، آئون اُنهن جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان. اِهو قرض ڪڏهن بہ لاهي نٿو سگهان.

منهنجي قلمي عشق کي مانُ ۽ محبت ڏيڻ جو سلسلو برقرار رکندي گلشن پبليڪيشن حيدرآباد جي سرپرست پياري دوست، محبتي ماٺهو صفدر بلوچ هِن ڪتاب کي جنهن سُندرتا سان ڇاپي پڌرو ڪيو آهي، ان لاءِ آئون سندس بيحد ٿورائتو آهيان.

ايوب کوسو
جُهڏو

پتو: ٽپال گهر جُهڏو
شاھ لطيف ميڊيڪل اسٽور
بدين روڊ جُهڏو.
ضلعو: ميرپورخاص سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شهرن مزاج بدليا، خنجر وڪامجي ويا،
گل ڪون ڪنهن خريديا، پتر وڪامجي ويا.

ڪنهن ڪون نيڻ کوليا، ڪنهن ڪون ٻول ٻوليا،
متي اُداس تي وئي بندر وڪامجي ويا!

ڪُجھ عشق کي پتو هو، ڪُجھ شهر هن ٻڌايو
ڳاڙها شباب کِلندا گهر گهر وڪامجي ويا.

ڪيڏو نه درد آهي هن ديس جي هينئين ۾،
خُوشبو ٿيڻ کان اڳ ۾ منظر وڪامجي ويا.

تُون پُڇ نه دلبرن جو، تُون پُڇ نه رهبرن جو
ڪجھ هيل ئي وڪاڻا، ڪجھ پَر وڪامجي ويا!

دل جي ٻرڻ جي ڪهڙي ويهي لِکون حقيقت،
جن تي چُمين ڇڏيونسين سي دَر وڪامجي ويا.

ڇولين سان عاشقيءَ جي ڀُلجي ويو ڪهاڻي،
سُهڻين کي هاڻ ڇئجو ساگر وڪامجي ويا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدن ۾ باھ ٻارڻ جو، ستمگر! شوق ڇا سمجھن!
نگاھُون نِير گل ڪنھن جون اڙي بدذوق ڇا سمجھن!

سدائين جن دلالي ۾ عُمر پنھنجي وڃائي آ،
اسان جي ڪاڪ جا ماٺا، اسان جو جھوڪ ڇا سمجھن!

ٻُڌو ٽا! عشق زنجيرون قبوليون ڪون ڪِٿ آھن!
اکين جي تاب جا گھايل، اوھان جا روڪ ڇا سمجھن!

ٻنين ۾ روح ھارين جو رڙٽي ٿو بانسرين وانگي،
سمنڊ جي شھر واسي سنڌوءَ جي سوڪ ڇا سمجھن!

تقدس لفظ قُلڙين جو لتاڙيو ويو رڳو آھي،
اِھي تلوار جا قائل، قلم جي نوڪ ڇا سمجھن!

حياتي ھي نہ ايڏي آ، غلامي گار جيڏي آ!
گُلن جا ھَار پائيندڙ ڳچيءَ جا طوق ڇا سمجھن!

اسان جو خواب چانڊوڪي، اسان جو نينھُن گل ٻاٽي،
ھِتي گٽرن جا رکوالا، اسان جو ذوق ڇا سمجھن!

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهون خاموش ڪيئن جانم! ڦَٽن کي ڪو ڦلهوري ٿو،
ڪڏهن ڪينجهر پُڪاري ٿِي ڪڏهن ڪو جهوڪ جهوري ٿو

اسان تاريخ جي رڻ ۾ لُٽايون عاشقيون آهن،
تڏهن ٻيجل اچا تائين اسان ۾ چنگ چوري ٿو!

اسان مقتل ڏِنا آهن، چُمي ڦاهيون وريا آهيون،
پُڇو هِن وقت پاڳل کان اسان کي ڇو تہ توري ٿو؟

عجب هي آزمائش آ، لڳي ٿو ڪَرت آ سامهون،
نهاريون ڇا اسان تو ۾ ڪجل هِي هانوَ ڪوري ٿو!

ٻَڌل جڙ ڳنڍڙ ۾ آهيون، تڏهن ئي دل نتي جهلجي،
اويلا تا اچون نِڪري، سڀَي کي ڪو تہ سوري ٿو!

نگر جون نفرتون سانڍي، متي تِي ماٺُ ۾ روئي،
اڌورو چنڊ آڌيءَ جو وٽن سان حال اوري ٿو!

زمانا ڇا ڪندين روڪي؟ بدن ۾ تِي وجي مستي،
پرين جو ڳوٺ ڳوليندي، مُسافر پنڌ ڏوري ٿو!


Scanned with CamScanner

سُڪي ويو خُون رستن تي رڳو پويان ڪهاٽيون تيون!
سوين سُورج اُجهامي ويا اکيون روئي پراٽيون تيون!

ڏِسو، تاريخ جي تَن تي پئي آ ڏُوڙ جي چادر،
هتي ڪيڏا گهگها قاتا، هِتي ڪيڏيون مياٽيون تيون!

ڪڏهن زنجير پاتاسين، ڪڏهن صحرا لتاڙياسين،
اسان جون وقت کان اڳ ۾ هِتي پوڙهيون جواٽيون تيون!

گلابن جهڙي جسمن لئه ڪفن پيِي ڪونه هٿ آيا!
متيءَ کي ماٽ ۾ اوڊي دفن هُو سُونهن راٽيون تيون!

ستارن ڪونه سينن تي اکين جا عشق ليتايا!
صدين کان آپگهاتن تي وفائن جون پُڇاٽيون تيون!

تماچي تُون ڪِتي ناهين! نه ڪو آ روح ڪينجهر ۾،
اُجايل شام جو پنڇي ڏسن اڄ ئي مُهاٽيون تيون!

غضب جا نينهن ها تن ۾، جيوسين ويهي پڙهنداسين،
اسان کان ڪونه پرآهَن اکيون هُن جون تَڪاٽيون تيون!

مجيوسين حُسن جي خُوشبو غمن جو بار تِي لاهي،
اسان جي درد جون راتيون نه زلفن کان گَهٽاٽيون تيون!

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

رُخسار اُگھي آءُ، پتر تِي نہ وِجي ڪو
ڳاڙھاڻ ڪسي وقت خنجر تِي نہ وِجي ڪو!

زلفن ۾ ڪٽي رات عقابي تُون گھمين تِي!
اخبار صُبُح جي تہ خبر تِي نہ وِجي ڪو!

تُون ڳوٺُ جي ڳٽي ڪي ھيئنئين مان نہ ائين ڪَڍُ،
ڳالھين جي نشي منجھہ فَجُر تي نہ وِجي ڪو!

موسم بہ اُداسي ۾ ٻُڏي ھيل وئي آ،
بي ماڳ ڪتي ھاڻ وِڳر تِي نہ وِجي ڪو!

تارا بہ ٽِڙن تا تہ ڪِٿي روح رُلي تو
بدذوق نھارن جي نظر تِي نہ وِجي ڪو!

پن ڇڻ ۾ گلابن جا ڪٽي خُواب تو نڪري،
خُوشبوءَ جي وِچوڙي ۾ پگھر تِي نہ وِجي ڪو!

پاڻي جي بدن تي نہ لِکو پنھنجي ڪھاڻي،
ٻيڙين تي جفائن جو اثر تِي نہ وِجي ڪو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نئين نسل جون اکيون نراليون جڏهن بہ کُلنديون ضُرور پڙهنديون،
حرامتن سان کئي بغاوت اِهو اسان جو قُصور پڙهنديون!

تَڏهن اسان هي ڪَڙا نڪايا، تڏهن اسان هي نندبون ڦِتايون،
اسان کي سُڌَ آ انڌيون هوائون گُلن جا هاٽي نَہ سُور پڙهنديون،

رڳو ئي تاٽا پريا اسان سان، رڳو ئي سختيون رهيون اسان لئہ،
متي اِهائي گواهي ڏيندي، صديون سمورو ڪَلُور پڙهنديون،

نہ خواب وڪيا، نہ روح وڪيو، ضمير پنهنجو اُهو ئي رهندو،
صداقتن جو اوهان بہ پڙهجو، گهٽيون بہ ساڳيو غُرور پڙهنديون،

هُو ٻيلهڙي سان ٽپهري تاٽي، ادائون چوڙي، خُماري ويندي،
گهڙيون اُجاريون، نمُون نندڪيون، ٻَني ٻَني جو سُرور پڙهنديون،

ائين تُون چو تِي قُتيون ڦلهورين، ائين تہ دل مان صدا اُتي تِي،
ائين تہ اُڻ تُڻ لِڪي نہ رهندي، ائين تہ نظرون بہ پُور پڙهنديون!

هوا ۾ ڪيڏا هُڳاءُ هوندا، ڪٽي نہ ڪو ٻيي وڇوڙو سُرندو،
اي سنڌ تنهنجي گسن تي ڄُوڙيون انبن جي چاٽي جو ٻُور پڙهنديون!


Scanned with CamScanner

چاهيان تو کا رَڙ لِکان مان،
نفرت جي اوگهڙ لِکان مان،

گولي، چولِي ناهي چئبي!
توهر کي چو بَڙ لِکان مان!

نينگر، نِيري تي جا اوڍي،
ڪيئن سا پوتِي پَڙ لِکان مان،

چا تہ هنيلا انگ چُرن تا،
ساريون ويهي چَڙُ لِکان مان!

لوڏ نئين سان اچ سانجهيءَ ۾،
پايُل جا سُر هَڙُ لِکان مان،

آهين تُون تہ مُنافق ساڳيو
ويهي ساڳيو سَڙُ لِکان مان!

دلڙي آهي، ڪاغذ ناهي!
چو اُن تي ڪاوڙ لِکان مان!

عشق تو آهن پالُ پَلايا،
ڪهڙا ڪهڙا وَڙُ لِکان مان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تيون انتهائون، اسان کي خبر آ،
وڪائيون وفائون، اسان کي خبر آ.

پلي ڪوبہ سمجهي نہ هُن کي ستمگر!
اتس چا ادائون، اسان کي خبر آ!

وري شام مُرڪي، وري ڳوٺُ مهڪيو،
ڪنيون تو نگاھُون ، اسان کي خبر آ.

تڏهن نقش پنهنجا چڏياسين گسن ۾!
ڪندين تون پُچائون، اسان کي خبر آ.

گلابن جون قاتل، عقابن جون حامي،
هتان جون هوائون، اسان کي خبر آ،

اکين عشق جو آ جهليو پانڌُ ڳاڙهو
اچن پيون سزائون، اسان کي خبر آ،

سچائي تا سمجهون، ڪُفر کي تا چاڙهون،
ڪِتي هِن دغائون؟ اسان کي خبر آ!

متان ڪوبہ سمجهي تہ سيڪو سُتو آ،
ڏِيو پيا چتائون، اسان کي خبر آ!

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بي خوف ڪُهاڙيءَ جو سَڏُ آ،
محبوب! پچاڙيءَ جو سَڏُ آ،

سڀ هلنداسين ڪنهن مقتل ڏي،
تاريخ اُگهاڙيءَ جو سَڏُ آ،

مُون خوشبوءَ مان محسوس ڪيو
ڪنهن وينگس لاڙيءَ جو سَڏُ آ،

اڄ دل تي آهي شام ڪري،
هُو زخمي آڙيءَ جو سَڏُ آ،

اُٿ! آئي آ هُوءَ ننڍُ ڀڃي!
لَڄ واري تاڙيءَ جو سَڏُ آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳهيرل ڳوٺ جا رستا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي،
پرين جا واٽ تي پيرا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي،

اجا ڪنڪُن جي چيرُن سان ڦِٽي تِي ننڊ پنڇين جي،
سڳيءَ جا ساز هيڪاندا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي!

ڳهيلي! رات ڪاري ۾ هي ٽاٽو سُس پُسن جو آ،
جهڪا رک سرد شوڪاراَ، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي،

دغائن کي خبر ڪهڙي، دغائون هوش ۾ ناهن،
ڪنوارا نيڻ خوابن جا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي،

اکين جي موهه ڪان پرتي ڇٽن تا ڦُول رڻ پٽ ۾،
سُڃن ۾ مهڪ جا واڪا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي،

وَسيا هُو بي ڇيا بادل، نه پو ڪا دل جهلي سگهبي،
پِنل برسات ۾ چولا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي!

اسان جي عشق جي من ۾ رڙي تي روز ڪا مڪلي،
اسان جي درد جا ڪَتبا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي!

نه تو ۾ ڪاسبو مَهڪي، نه تو ۾ چاچرو چِلڪي،
نه ڪر تون ناز پو ايذا، هوا پڙهندي، هوا ٽِڙندي!

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيروت ٻڏيا آهيون بغداد ٽيا آهيون،
تاريخ گواهه رهجان بيداد ٽيا آهيون،

باغن جي گلابن کي هٿ باهه جلايو آ،
خُوشبوءَ جي صدائن جا فرياد ٽيا آهيون!

احساس وفاقُ جيان خاموش رهيو آ بس،
موئن جي دڙي وانگر برباد ٽيا آهيون!

صحرا ۾ ٽڙي ڪو پل صحرا ۾ ڇڏيا آهيون،
تُون ڪيئن تو چئين پاڳل آزاد ٽيا آهيون!؟

ٻيو ڪو نه فقط پنهنجو سرمايو اِهو آهي،
محبوب جي يادن جي ڪا ياد ٽيا آهيون!

اي عشق اسان کي ڪو آواز نئون ڏي تُون،
خوابن کي ڪٽي تو ۾ آباد ٽيا آهيون!

❀

((عراقي قوم جي حوالي سان لکيل))

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خُواب تورا مليا، انتظارين گهڙيون،
توکان پوءِ تيون اشڪبارين گهڙيون،

چنڊُ لٿو رات سان جاڳُ جهيڙو ڪيو
باڻُ جون ڪينچلون مُون ڏِڪارين گهڙيون،

درد ڏاڍا برن تا اچا هانوَ ۾!
تُنهنجي يادُن جون آهن ڏياريون گهڙيون،

معجزو آهي تُنهنجي ٻڪن جو پرين،
وحشتون وقت جون مون وساريون گهڙيون،

سنڌُ! اُجري هئڻ جو قسم تِي کٽي،
تِي وجن تيون هتي پو بہ ڪاريون گهڙيون،

هوش پنهنجا وڃائي مُسافر چڙيا،
گهاٽُ تي پئي ڪِليون هُو ڪُنواريون گهڙيون،

پنهنجي خوابن جا شايد صنوبر ٻچن،
بيرُخين جون هلن پيون ڙي آريون گهڙيون!

اِهي وَڙُ سانورا تُنهنجا،
اسان تي چانورا تُنهنجا.

اچي تِي باڪُ درشن تي،
وٺي دڳ بانورا تُنهنجا!

ٻُڌي ويو چنڊ پهرين جو
ٻُڌائي مامرا تُنهنجا!

اُڏي آ مهڪ ميندي جي،
چون ٿا واسرا تُنهنجا!

نگاهُن سان ٽِڙائيندين،
گُلن کي، آسرا تُنهنجا!

حَسينن اجرڪون اوڍيون،
اُتر ها آڪرا تُنهنجا!

ڪنياسين، سنڌ! پيرن ۾،
ڪندا هِي ٻاپرا تُنهنجا!

لتاڙي ڪو نہ شل ننگر،
گَسن تي گهاگهرا تنهنجا!


Scanned with CamScanner

ڪنهن نہ هن انڌڪار جون دانهُون ٻُڌيون،
روشني سنَگسار جون دانهُون ٻُڌيون،

چنڊُ يُونديي وانگيان پل پل ڪِڙيو!
ڪنهن نہ پر سنسار جون دانهُون ٻُڌيون!

تو سجائيءَ ڪان لَنوايو آ ائين،
جڻ حرامي ٻار جون دانهُون ٻُڌيون!

تو نہ ڄاتو ڪيئن اُها سُهڻي ٻُڏي،
تو رڳو ميهار جون دانهُون ٻُڌيون!

جسم، جسمن جي هٿان لُٽبو رهيو
ڇو نہ ڪنهن ديوار جون دانهُون ٻُڌيون!؟

آئون بارش ۾ اڪيون آيس رڪي!
وقت، تُنهنجي سار جون دانهُون ٻُڌيون!

تو نہ ڇُوڙين جو ڪيو ڳُڙڪو ڪتي!
عاشقي ماٺار جون دانهُون ٻُڌيَون!

ٻن اڪين تي ويا اڪيو زوري ٻَڌي!
ڳوٺ ويهي پيار جون دانهُون ٻُڌيون!

soorhisindhiadab

گهڙيي لئہ تِڪايُون ڪتي ڪيئن نگاھُون!؟
سڄي سنڌ آهي رڳو اَپسرائون!

هتي ڪير ڪافر اکين کي سُمهاري!؟
دڳن تي ڦِرن تيون ڪَتوريون هوائون!

ڏياريون اِهي ئي ۽ هوليون اِهي ئي،
وچين سينڌ وارين جون دلبر ادائون!

تُون مُرڪن سان سانوڻ خُماريو هلين،
لڳي تو اندر سان ڪندين اِنتهائون!

ڪياسين اِهي ساٿُ تو لئہ صنم!
ڪڏهن قُول تازا، ڪڏهن التجائون!

اجا واس تُنهنجو تيو ماتُ ناهي،
ڪويليون نہ ڪُوڙيون نہ ڪُوڙيون ڏِسائون!

بهارن کي ويندي زمانا لنگهي ويا،
گلابن جون ڪن تا پکي هت پُڇائون!

يلي جاڳ جهوريو يلي خواب ڪوريو،
لِکيون ڪونہ رهنديون اِهي ڪربلائون!

اجا پوپٽن جي قِتل ننڊُ آهي،
اجا جاڳنديون هن رڻن ۾ صدائون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻُڏي ويو سوڳ ۾ پن پن ٻٻُر جي هر ڪنهن تاريءَ جو
ڏنارن کان اڳي پنڇين ڏنو هو لاش ناريءَ جو

نهاري ناز مان ساريون ڇڏيائين شام کي ٻوڙي،
اجا پيءِ لاڙ تو ڳولي اُهو ليئو لڄاريءَ جو!

ڪتي حرمت نہ ڪا آهي متيءَ جي اشڪباريءَ جي،
وڏي هِٽ واڪ تو ڪٽجي اجا نيڪو غداريءَ جو

روئي تِي سانوري ڪولهڻ رڙي تو سانورو نينگر،
ڏسي تو سانجهہ جو منظر ڪڪيل آ پير هاريءَ جو!

رُلياسين ڪوڙ بازاريون، پُڳاسين مئڪدي ۾ پيءِ،
ڪتي ڇيڙو نہ آيو پر اسان جي بيقراريءَ جو!

اُتي ڪرُ موڙ تون هاٽي، امبر پيو ماڪُ ڏس چاٽي،
وڌي آ دلرُبا هيئون چڳڻ سان رات ڪاريءَ جو!

ٻرون تا ٻاٽ ٻوڙيءَ ۾ اُجهائي ڪونہ تُون سگهندين،
اسان ۾ آ رکي وئي ڪا ڪُنواري ديپ ڏياريءَ جو!

رڳو هڪ ڳوٺ ئي ناهي وسايون جو ڪٽي جلدي،
اسان ۾ ڏس اچي نقشو جَلايل سنڌ ساريءَ جو!

فراقن جا ڦَڏا آهن،
اُداسين جا لَڏا آهن،

اتئو سُورج صفا ننيڙو
اسان جا غم وڏا آهن!

اسان جا خواب گل ناهن!
شهيدن جا تَڏا آهن!

دراوڙ نند ۾ آهن!
متان سمجهو جَڏا آهن!

اِهو ڪاهُو اِها مڪلي،
اسان جا ئي هَڏا آهن!

ادارا چا شفا گهر پي،
عياشين جا اَڏا آهن!

هلياسين توکي ماٽڻ لئہ،
مليا ڪاهيون ڪَڏا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بھارون ھليون ويون اوبليون گسن تان،
چِني جڻ تہ ڦُلڙيون ويو ڪو نَڪن تان.

ائين آ ستمگر لڳو درد تُنھنجو،
ڪِري پيا پرھہ جا اُرھہ جڻ بدن تان!

مُسافرا! اُنھن جون نہ پُڇ تُون ڪھاڻيون،
ڇڏيونسين لُٽائي جي راتيون چمن تان!

صُبح سان چنڊي آ تو زلفن مان بارش،
لَھي ويون ڪَڙيون ھِن پراڻن ڦَتن تان!

مُنجھائي ڇڏيا تو ستارا سحر ۾،
لٿي ڏُوڙ آھي دلين جَي ٿَڪن تان!

تڏھن تُون مياڻي ھينئين ۾ ھُري آن،
جڏھن پِي ڪي چُوڙيون ڇَٽيون ھِن ھٿن تان!

غداري جو سوچي نہ سگھندو ڪڏھن پِي،
ملي سنڌ جنھن کي آ ڳاڙھن ڳھگھن تان!

ڪڏھن ڪونہ ڇڏبي اُڏارن جي حُرمت،
اسان نندُ پيلي ڇڏي اِن وَچن تان!

وينگس تہ نهيو ڪا، نہ هتي لام ڪٽي ٿي،
ماٺهو جا وڏا درد رڳو شام ڪٽي ٿي،

پردن ۾ نقابن جي اُيي مُند تڏهن آ،
هر گهور هِتي عشق جو الزام ڪٽي ٿي،

يادن جون اکيون سوڳ ۾ اُن ڪاڻ ٻُڏن تيون،
جسمن جي پُڇا پير جڏهن عام ڪٽي ٿي،

پانيان تو شڪارين سان هوا پاڻ آ شامل،
پنڇين تي لِکي موت جو پيغام ڪٽي ٿي،

اڱڻن ۾ اُگهاڙا نہ ڇڏيو ٿهڪ شبابي،
خوشبو لئہ ڪفن رات اچا جام ڪٽي ٿي،

پيرن جي بغاوت ڪي پلا ڪير تو ليکي،
دل توسان ملڻ لاءِ ڪِلي هام ڪٽي ٿي!


Scanned with CamScanner

بدن تي جڙ ڪا ڪنار اُڇلي،
متي اسان تي ميار اُڇلي.

نسل اسان جو عذاب سهندو
اَڏِي تي سنڌ آ غدار اُڇلي،

ڏسو! ڇڻن پيا پتي پتي تي!
خزان گلن تي آ گار اُڇلي!

ٽُٽي پيو دل جو پرين ستارو
اگڙ تي ڦُلڙي ڪُنوار اُڇلي!

ڇُهڻ لئہ سڪندا گلاب ڳاڙها،
برن تي تو آ بهار اُڇلي!

اها اسان تي هُئي ٻُراٽي،
اکين جي ڳوڙهن اُڌار اُڇلي!

اوهان شهر ۾ دليون وڃايُون،
اسان ٻنين ۾ جمار اُڇلي!


Scanned with CamScanner

خنجر تِي ڪنهن جون هانوَ ۾ اکيون اُتامريون لڳيون،
اُداس ڳوٺ جي مِٽي اُداس ٻاجهريون لڳيون،

ڪِٽي نہ چين ڪو مليو ڪٽي نہ سوجهرو گڏيو
پرين جي ساٿ کان سِوا لُٽيل مُسافريون لڳيون!

لڳو جنازا تا هلن، لڳو وِبائون تيون رُلن،
شباب هر مٿان ڪفن اسان کي چادريون لڳيون!

ٽَرڻ جي موهہ ۾ وري هلياسين ڪنهن بهار ڏي!
هوا جون وحشتون ڏِسي چِٽڻ جون خاطريون لڳيون!

پڳهر جا نرڙ تي ڦُڙا عجب چِپن تي چاندنيون،
نگر هِي تُنهنجون نينگريون قسم سان ٻانوريون لڳيون!

اُڏارو چنڊُ هو تڏهن هليو ويو ماٺُ ماٺُ ۾!
ڪيوسين ياد ڪو صنم ڏِسائون سانوريون لڳيون!

ڪٽي وئي خماري نويليون ننڊون،
تيون ڪونہ پوءِ سهيليون ننڊون،

وري ڪو ستارو چڙتي پيو ڪِرتي،
ڦِتي ويون اسان جون اويليون ننڊون،

اِجهو ناز مان هُوءَ اچي تِي اچي،
اسان آسرن ۾ اُڪيليون ننڊون،

جتي هُن جا آرس لُڏيا ها اُتي،
وري ڪونہ آيون، ڪويليون، ننڊون،

لِڪي ويا اُنهن ۾ اسان جا قصا،
پرين جون هيُون چڙ حويليون ننڊون!

اُتر جي هوا تي لُڏي پيا ڪنول،
نتي جي تڏي رات پيليون ننڊون،

ڪُترجي ڪِريا نيٺ سپنا رَتل،
اکين ۾ رهيون بس اڪيليون ننڊون،

نہ ڪو ساهہ پل جو ڪنيو سنڌ آ،
اڙي ڪر نہ ايڏيون سويليون ننڊون!

مُون سان رشتو پيار جو توڙڻ گھُريو
جنڊ سان تو چنڊ کي پورڻ گھُريو!

حيف آھي، تنھنجي سوچڻ تي پرين!
تو وفا کي ڏُوڙ سان تورڻ گھُريو!

مُون رکي آ ھر ڏيئي سان عاشقي،
تو ھوا کي آ رُڳو چورڻ گھُريو!

تنھنجي مُشڪڻ جھڙي آھي، دل تڏھن،
چاندني سان حال کي اورڻ گھُريو!

تُون حُسن جي نينڊُ آھين بي چَئي،
عشق توتان پاڻ کي گھورڻ گھُريو!

تو ڏنو آ تنھن ڪري ئي مون ڪڏھن،
درد ناھي روح مان چوڙڻ گھُريو!

پاڻ رانديڪن جيان آھيون پڳل،
وقت ناھي پاڻ کي جوڙڻ گھُريو!

❀

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏکي نہ رکجي دوستي هرويرو عذاب سان،
شڪست وقت کي ڏجي ڪنهن عشق جي گلاب سان،

اجا بہ تات آ تتل، اجا بہ ديد آ تڪل،
هتاءِ درد هِي ٻنل، هنيلي تون حجاب سان،

حقيقتن جي حُسن جو نئون خُمار تا گهرون،
اچين تہ پل اسان ڏي اچ، پرين نہ پر نقاب سان،

ڪِلي تُون آجيان ۾ اچ تہ وار چوڙ چيڳري،
لٿي آ تنهنجي ڳوٺ تي هي سانوٽي شباب سان،

ڪبوترن سان پيار مان اسان سدا اکيون ٻکيون،
اسان جي من جي عاشقي چڙِي آ هر عقاب سان،

ڪميٽپڻ جي ڪُوڙ ۾ ٻُڏي مرڻ کان آ ڀلو
زماني جو بدن سُتل اُٿاريو انقلاب سان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فنا دلبري تان انڌيرو ڪيو ڪو،
پرين! مُرڪ تاري سويرو ڪيو ڪو!

نئين بارشن ۾ اجا دير آهي،
جلايل جوانين ڏي ڦيرو ڪيو ڪو!

رُلن پيون هوائون وڇوڙا ورن پيا،
اوهان عشق پنهنجو نه ميرو ڪيو ڪو!

ٻه ٽي خُواب ساڙي ٻه ٽي درد ٻاري،
فريبي هوائن جو گهيرو ڪيو ڪو!

اڳي ئي ادائُن وڌو آهي ماري،
اکين کي نه ايڏو لُٽيرو ڪيو ڪو!

اُداسي جو ڇيڙو اڃڻ هاڻ گهرجي،
غمن کي نه ايڏو ڊگهيرو ڪيو ڪو!

ٽنا سات ڏيو جي حياتي سڄي جو
نگاهن ۾ ڪن پل بسيرو ڪيو ڪو!


Scanned with CamScanner

رکي ٽِي بانوريون مُرڪون، سحر جي ڳالھ ساڳي آ،
ادائون بارشن جھڙيون، قھر جي ڳالھ ساڳي آ،

اڇي ٽِي وار هُوءَ کولي، ننڍُن کي ڪير پو ڳولي؟
اڃا تائين اُجارن لئہ، بحر جي ڳالھ ساڳي آ،

وچن هُن جو ڪِڙيو آهي، بدن هُن جو ٽِڙيو آهي،
سرءُ جي رات جي پوئين پھر جي ڳالھ ساڳي آ،

فرنگي ڪِٿ گھٽيا آهن؟ رڳو نالا مَٽيا آهن!
گھٽي ۾ شَام ٽِي روئي، شھر جي ڳالھ ساڳي آ،

پٽائي! اُڃ تا اوڍيون، ترن ٽيون ڪونہ ڪٿ سُهٽيون،
ڏسون تا ڪِٿ نہ سنڌوءَ جي لھر جي ڳَالھ ساڳي آ!

سچائي سُچ ٽِي پوڳي، اڃا فتويٰ بہ آ تازي،
سُتو سقراط ڪو ناهي، زهر جي ڳالھ ساڳي آ،

ڳچيءَ ۾ طوق آ پنھنجي، زنجيرون روز پيون ڇَٽڪن،
تڏهن پي قوم جي يارو ڳھر جي ڳالھ ساڳي آ!

هُوءَ جي خود ئي ونگ ٿِئي پوا؟
ڪيئن جذبن جو دنگ ٿِئي پو؟

مان تہ اکين کي سمجھايان پر،
ڇُورِيي ڇُورِيي چنگ ٿِئي پو؟

چئونڪين کي مُنهن پاڻهي ايندو،
دعوت هرڪو انگ ٿِئي پو.

عشق سلامت پنهنجو رکجي،
وقت ڀلي اڙٻنگ ٿِئي پو!

لال ليارُ قلهوريندا سين،
رُت جو ڳاڙهو رنگ ٿِئي پو.

چانڊوڪين کي پاڪر پَرجن،
چنڊ هينئين جو ڏنگ ٿِئي پو؟

رَت جي عظمت، سيڪو جاٽي،
آخر ڇو ڪا جنگ ٿِئي پو؟

❀


Scanned with CamScanner

توکي حق آ، سُوال ڪر مُون سان،
پهرين رشتا بحال ڪر مُون سان!

تُنهنجي گذري گذار گلڙن ۾،
تورو ياڻئي نہ ڀال ڪر مُون سان،

جي نہ توکان وصال پهچي تو،
بيرُخيءَ کي وشال ڪر مُون سان!

عاشقيءَ کي سُڪون ٿئي ناهي!
آءُ چاڻان تو حال ڪر مُون سان،

چنڊُ! هُن کي اگڻ ۾ ڏسٽو آ،
روشنيءَ جي رکال ڪر مُون سان!

ياد هُن جي اچي نہ ڪا مُون ڏي،
وقت، اهڙو ڪمال ڪر مُون سان!

سڄ اُيري رهيو آ ڪاچي تي،
هاڻ گڏجي ڌمال ڪر مُون سان!

❁

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسرتن جا مزار ماٺھوءَ ۾،
درد آھن ھزار ماٺھوءَ ۾.

ڇو پرين کي پري تون ڳولين ٿو؟
ملي پوندئي نھار ماٺھوءَ ۾!

ايترا ڪٿ شراب ۾ آھن،
جيترا ھِن خُمار ماٺھوءَ ۾!

فرشتن جو خيال رولينديئي،
آھي بھتر، گذار ماٺھوءَ ۾!

ڪُلفتن کان مٿانھين سؤ ڀيرا،
عاشقيءَ جي بھار ماٺھوءَ ۾!

چنڊ يادون ڪٿي اُيرندو آ،
وڃندي آھي ستار ماٺھوءَ ۾!


Scanned with CamScanner

چنڊُ روئي چڏيو ننڊُ روئي چڏيو!
شهر تُنهنجو اسان پو سگهو ئي چڏيو!

تنهنجي ساهن جا احساس وڄندا رهيا،
هو چپن تي غزل پاڻ سو ئِي چڏيو!

هاڻ يادن اندر وحشتون تيون ڦِرن،
رابطن کي ائين تو آ ڊوئِي چڏيو!

ڀالوا جي حُسن کان بہ وڌ چوکري،
تُنهنجي موهي اسان کي تہ لوئي ڇڏيو!

دانهن ٻڌجي اکيون پٽڪنديون ڏُوڙ ۾،
پيار پنهنجو اُڌورو نہ کوئي ڇڏيو!

عشق ناهي کفن، تهڪ ناهن دفن،
واءِ تي آ لِکي دل اِهو ئي ڇڏيو!


Scanned with CamScanner

نيث اِيندينءِ، آسري ڪي آ رکيو،
هانوَ تي جڻ، چانوري ڪي آ رکيو،

فيصلو جيڪو ڪندينءِ هُوندو قبول،
توتي مَن جي مامري ڪي آ رکيو!

غير ناهي، روح پنهنجي ۾ پرين،
عشق تُنهنجي بانوري ڪي آ رکيو!

لوڪ توڙي پاڻ جو ناهي صفا،
تو الئہ ڪِٿ سانوري ڪي آ رکيو؟

رنگ ڍهندا ڪونہ بارش ۾ چَري،
ڇو لِڪائي گهاگهري ڪي آ رکيو؟

سُونهن تُنهنجي معجزو آ دلرُبا،
تو مُنجهائي ڇاڇري ڪي آ رکيو!

❁

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تاريخ چيتاڙيل چولِي آ،
هر چيخ لتاڙيل ٻولِي آ،

آواز ڪَنور[١] جو تو سوچي،
بدذوق وڃائي گولِي آ!

گُل ناهن مُرڪيا رستن تي،
رُت زخمن جي تِي جهولِي آ،

ڪُجهه جذبن جو احساس تہ ڪر،
هر جذبو سانئڻ چولِي آ،

تُون واعدو پُلجي وئي آهين،
مون ننڊ گسن تي رولِي آ،

تو مُرڪي نيڻ ڪنيا آهن،
بس هاڻ لڳي تو هولِي آ،

❁

(١) ڪَنور (ٻيڪت)

هي، ڪيرائيندا،ڪوڙَن کي!
ڇَا روڪيندين اٽموڙَن کي!

آواز اچن پيا مقتلِ مان،
ٻُڌ، ڳاڙهي ڳيرو گهوڙَن کي!

ڪو وکبو پاڻ نہ سستو ٿِي،
رک هَاڻ سنڀالي نوڙَن کي.

مَن آسڻ آ، محبُوبن جو
ڇو مَن ۾ رکجي ڪوڙَن کي!؟

هٿ پيرا آهن دودن جا،
تُون ميڙ ڇُمين سان اوڙَن کي!

تُون ڏسجان نچندي شادابي،
رابيل لڳائي ڇوڙَن کي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتابن ڪي ڦاهيون،
شبابن ڪي ڦاهيون،

سُڳنڌ تي زنجيرون،
گلابن ڪي ڦاهيون،

سوالن ڪي ڦٽڪا،
جوابن ڪي ڦاهيون،

اکين ۾ وڇوڙا،
۽ خوابن ڪي ڦاهيون،

ڏين تا ڪميٽا،
حجابن ڪي ڦاهيون،

اچن ٿيون نہ جانان،
عذابن ڪي ڦاهيون،

سرعام گهرجن،
عقابن ڪي ڦاهيون!


Scanned with CamScanner

هُو وحشي پاڳل نوڙن ۾،
پيو ماڻهو آ پنجوڙن ۾!

ڪو ڪينَ سچاپي لهجو تو
اڄ وحشت وارين ڏوڙن ۾!

جڻ روح نہ آهي ڳالهين ۾،
مون ڳالهايو آ ٻوڙن ۾!

تو روئي آهي ڦهر ڪيو
دل آهي ٻُڏي وئي ڳوڙهن ۾!

ڇا ڇا نہ سڙي آ خاڪ ٿيو
اي دلڙي هيل وڇوڙن ۾!

ڪي پيار جا سَهرا ئي ڳُونجن،
ديوار نہ پئي شَل جوڙن ۾!

ڪو گيت گلابي پاسي ٿي،
هي سنڌُ گلابي موڙن ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرُ تي ڦهري وار جيان آ،
وقت تکي تلوار جيان آ،

بدحالي جو بگڙيل چهرو
اڄ ٻي ڪچي گار جيان آ،

پن ڇڻ رُت ۾ وڇڙي وياسين،
عشق ٿيو اڄنگار جيان آ ـ

پيڙا پيڙا اڻ ڳُڻ پيڙا،
جيون وڏوا نار جيان آ،

چاهت ۾ پڇتاءُ جي ٻالهه،
پاروتي اخبار جيان آ،

رات لڙيءَ جو آئي آهين!
هر پل ٿيو وسڪار جيان آ!

رابطا پنهنجا جذهن بي جان ٿيا،
محبتن جا شهر ئي ويران ٿيا،

حسرتن جي ڳوٺ تي پن ڇڻ لٿي،
خواب سانجهي وانگيان سنسان ٿيا،

گل وري مون کان وٺي روئي ڏنئي،
منظرن جا روپ ئي حيران ٿيا!

مُنهنجي نيڻن ۾ ڏسي توکي پرين،
سنگباري جا نوان اعلان ٿيا.

دل اڪيلي ۾ مَتو ميلو عجب،
درد هِن اڄڪلهه وري مهمان ٿيا!

اڄ سنيهو تو هوا ۾ ڪو رُلي،
ڪنهن نئين هِن چوٽ جا امڪان ٿيا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توتي اڄ ٻي بهار ساڳي آ،
مون تي غم جي نهار ساڳي آ.

سُونهن مُرڪون گلاب آڇي ٿي،
عشق تُنهنجي اُڏار ساڳي آ.

وقت ڦيرو سگهيو نہ آٽي ڪو،
مون تي تُنهنجو خُمار ساڳي آ.

فاصلن جي تہ غرض ڪانهي ڪا،
هُوءَ ساڳي ۽ پيار ساڳي آ.

چنڊُ جو گهاءُ پنهنجي دل وانگي،
درد جي ڏس چمار ساڳي آ.

ڪائي خوشبو وري اچي تِي پَئي!
مقتلن ڏي قطار ساڳي آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرين جو شهر، چانڊوڪي،
نسورو ٿھر چانڊوڪي!

جُدا ٿِي شخص هڪڙو هُو
ڪري ويو زهر چانڊوڪي!

وري هن گهاوَ اُڌڙي پيا،
غمن جي لهر چانڊوڪي.

زمانن کان سُتا ناهيون،
اکين ۾ ڳهر، چانڊوڪي!

اوهان جو خيال آيو جيئن،
لڳي ڪو سحر چانڊوڪي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تصورن ۾ آڻجي توکي صنم،
ياڪرن ۾ ماڻجي توکي صنم،

تن اڪيلو ٿَڌُ تو ياڻئي گھٽي،
اڄ رِلي جان ڏاڻجي توکي صنم!

تُون خُدا جي سُونهن جو آھين سفر،
چو نه پو واڪاڻجي توکي صنم!

چو ڀلا ٿيندي ٻُجھارت پئي وڃين؟
دل چوي ٿِي ڄاڻجي توکي صنم!

چو اُداسيءَ جو ڪٿان ڪوئي قصو!
چو اجايو ڇاڻجي توکي صنم!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صفا نہ سُور سُور تِي،
ائين نہ ڏُور ڏُور تِي،

ائين نہ ٻوڙ ٻاٽَ ۾،
ڪڏهن تہ نُور نُور تِي!

ائين نہ ڪَرُ ڀنل اکيون،
ائين نہ گهور گهور تِي!

لهي تِي سانجهہ سانوري،
پرين جو پُور پُور تِي!

اچي تي ياد مُرڪ کا،
چٽون تا، ٻُور ٻُور تي!

ٻُڏي تو سوڳ هانوَ ۾،
اُتون تا چُور چُور تِي!

❀

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## غدار هُئا جڻ گار هُئا!

تاريخ اِهو لِکُ چاتي تي،
ڪم ظرف هُئا، بي شرم هُئا!
جن سينڌُن کي ڀيلاڙ ڪيو
جن ڳوٺاڻين جا ڳيچُ وڪيا!
جن بازارين ۾ چيچِ وَڪيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن سُڏڪا سارو لاڙ ڪيو!
غدار هُئا، ڄڻ گار هُئا!
آزار هُئا، انڌڪار هُئا!
جن معصومن تي پير رکيا،
جن محبوبن جا لاش وکيا!
ڄڻ ڪارونجهر کي گارَ ڏِني،
جن ٿهڪن جا آڪاش وکيا!
تاريخ لِکي ڇڏ نيڻَنَ ۾،
ناسُور هُئا، بي نُور هُئا،
ڪا ٽوڪ هُئا، بدذوق هُئا!
جن سرمي جا اسرار ڪُٺا،
جن چلتن جا اقرار ڪُٺا،
تِن پايُل جا پيغام لُٽيا،
جن وڻجارن جا پيار ڪُٺا!
۽ اوجاڳن کي آڳ ڏني،
ڄڻ چانڊوڪين جي ساک ڪُٺي،
ڄڻ وائي جو وشواس ڏَکيو،
ڄڻ احساسن جي باک ڪُٺي!
بدبخت هُئا، سڀ ڪُوڙ هُئا!
جيڪي بہ هُئا بس ڏُوڙ هُئا!
تاريخ اِهو لِکُ سيني تي،
جيئن تن جي نالي نالي تي،
نئون خُون اسان جو غور ڪري،
پو روز مٿيءَ جا ٻُڪ هَٽي!
هر روز اُنهن تي ٿُڪ هَٽي!
تاريخ اِهو لِکُ ڇاتي تي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪجلا سر کي ڪير ٻڌائي؟

هاڻي تي هر چير ٻُڌائي ناهي سُرمون!
ڪجلا سَر کي ڪير ٻُڌائي؟ ناهي سُرمون،

پاڻيارين جي آس ترّن کي آ ساڳي،
صحرا جهڙي پياس گهڙن کي آ ساڳي،
چُوڙو چُوڙو اوجاڳن جو شاهد آ،
پوڳڻ لئہ بنواس، پڙن کي آ ساڳي،
زخمي تو هر پير ٻُڌائي، ناهي سُرمون!
ڪجلا سَر کي ڪير ٻُڌائي؟ ناهي سُرمون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرد وچوڙو هاڻ نري تو پهرن ۾،
ڪونہ ٻري تو ڏيئو ڪو يي ڏهرن ۾،
چوٽي چوٽي اٽيي آهي سنڌ جيان،
پهڻ ٽڪي تو هرڪو "پنهون" شهرن ۾!
سسئي ڪي تو ڏير ٻُڌائي، ناهي سُرمون!
ڪجلا سَر ڪي ڪير ٻُڌائي؟ ناهي سُرمون!

لاشْپ ڪجن تا جهانگياٽين جي ٻارن جا،
هانوَ سڙن تا ڳوٺن جي مهڪارن جا،
ڪونہ پُسي ٿي ميندي هاٿي ٿالهين ۾،
ڏوڙ لَتي ٿي ڳانا هي سينگارن جا،
چانگيل جڻ تِي پير ٻُڌائي، ناهي سُرمون!
ڪجلا سر ڪي ڪير ٻُڌائي؟ ناهي سُرمون!

هر چاتي ڏي اڄ بہ اُيي دونالي ٿي!
سنڌ سڄيءَ جا نيڻ اڄا يي خالي ٿي!
رابيلن مان واسُ اڇي تو نوحن جو
لُڙڪن سان آ هر ڪا جهولي آلي ٿي!
دردن جو تو ڊير ٻُڌائي، ناهي سُرمون!
ڪجلا سر(1) ڪي ڪير ٻُڌائي؟ ناهي سُرمون!

❀

(1) ڪجلاسر ننگرپارڪر ويرا واهہ ۾ موجود سُرمي جي حوالي سان مشهور تلاءُ آهي. چيو وڃي ٿو ڪنهن وقت ۾ صبح جي ويل نڪراٽيون اچي منهن ڌوئينديون هيون تہ اکين مان نڪتل سُرمي سبب سڄو حوض ڪارو ٿي ويندو هو جنهن ڪري اُن کي ڪجل وارو تلاءُ يا حوض سڏيو وڃي ٿو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ويلا آهي وڇڙڻ جي!

جَهل، پنهنجي سُرخ جواني کي،
آ، هُرکُر ڏسُ هيڪاندن ۾،
ڪو واندو ناهي مات ڪٽي،
هر ڳيرو آ ويڙهاندن ۾،
سڀ اتڪيل آهن آڏين سان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو. ليٽيل ناھي ٻانھُن ۾،
سڀ ڇھڪيل آھن. ڪاتين سان،
ڪو پٽڪيل ناھي راھُن ۾،
تُون پوک نہ ڪنھن حيراني ڪي،
جَھل، پنھنجي سُرخ جواني ڪي!
ھت خواب اکين جي تاڙن جا،
بدذوق ھٿن سان لُٽجن پيا،
سڀ موڙ مٿي ۾ لوڙِل ھن،
ھت ساھہ گُلن جا گھُٽجن پيا!
تُون خواب نہ ڏس وِٽڪارن جا،
ھي ميرا پٽڪا ڪڻ ميڙي،
تُون پيرا ڳڻ وِڻجارن جا،
ھي پيرا ڳاڙھا ڪڻ ميڙي،
تُون ڇُونڊي سانڍي رک مُرڪون،
ھي پن چڻ ناھي مُرڪڻ جي،
تُون ناز ٻڌي ڇڏ ڦُلڙي سان،
ھي ويلا آھي وِچڙڻ جي،
ھُو ھاڻ ڪُنو آ ڌرتيءَ لئہ،
دل اُن جي رَت مان ٻوڙي آ،
ھي پنھنجي اجرڪ اُن تي ڏي،
ھي وار سڳيءَ مان ڇوڙي آ،
پل دل جي تُون ويراني ڪي،
جَھل، پنھنجي سُرخ جواني ڪي!

sochsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بارشون وڏي ويون!

تنها رهڻ گهُريوسين . تہ آفتون وڏي ويون،
توسان ملڻ گهُريوسين تہ بارشون وڏي ويون!

مُنڪر اُجاڙ موسم، تازا عذاب آندا،
ڪو پل نہ هيل مهڪيو اُدما وريا هيڪاندا.
چِرڪي چٽڻ گهُريوسين تہ ساعتون بري ويون.
مُرڪي تِرڻ گهُريوسين تہ بارشون وڏي ويون!

ڪو خُواب سرد پنهنجو پيرن جي هيٺ آيو
ڪو گيت زرد پنهنجو گهيرن جي هيٺ آيو،
چهرو ڏسڻ گهُريوسين تہ آرسيون ٽُٽي ويون،
ڳوڙهو اُگهڻ گهُريوسين تہ بارشون وڏي ويون!

ڪنهن شام جي بني تي ڪنهن سانجهُ جي چَني تي،
ڦرندي رهي جُدائي دل جي پني پني تي،
سُڏڪو لِڪڻ گهُريو سين تہ آڳريون ڏري ويون،
خود جي برڻ گهُريوسين تہ بارشون وڏي ويون!

تو نيٺ ننڊ پوکي پنهنجين اکين ۾ جانان،
پٽڪي اسان پُلياسين ڪيڏا گهٽين ۾ جانان،
دريا ٽيڙ گهُريوسين تہ چاندنيون کڄي ويون،
صحرا وڃڻ گهُريوسين تہ بارشون وڏي ويون!

ميڙا اُتي چڙياسين، پيڙا نہ ها جتي ڪي،
چيڙا اُتي چڙياسين، بيڙا نہ ها جتي ڪي،
تُنهنجو پُڇڻ گهُريوسين تہ عاشقيون ڪري ويون،
پيرو ڪڻ گهُريوسين تہ بارشون وڏي ويون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اکيون قاتلن کان ڪُساٽيون نہ آهن!

ڏسي ڇڏ وفا جون پُڄاڻيون نہ آهن،
اندر جون چتائون اُجهاڻيون نہ آهن،
ميون تا اسان جا جسم هن ڪُساٽا،
اکيون قاتلن کان ڪُسائيون نہ آهن،

سدائين سفر جي لُٽي ڪاڪُ آهي،
تڏهن بي دلين ۾ اجا تاڪُ آهي،
پرهہ جون پُڄائون کُٽاڻيون نہ آهن،
اکيون قاتلن کان ڪُساٽيون نہ آهن،

ڏسون ٿا هٿن ۾ بندوقون تہ آهن،
ٽيون پر نہ خاموش ڪُوڪُون تہ آهن،
سمونڊن تان آڙيون اُڏاڻيون نہ آهن،
اکيون قاتلن کان ڪُساٽيون نہ آهن،

رنگن ۾ چٽن ۾ غمن جي سُڳنڌ آ،
وڇوڙن ۾ ڳوڙهن جي تن جي سُڳنڌ آ،
ٻُسايل چُنيون سي سُڪاٽيون نہ آهن،
اکيون قاتلن کان ڪُساٽيون نہ آهن!

ٻُڌو ۽ سنڌوءَ جي دڙن کي ٻُڌايو،
گهرن جي درن ۽ ڪڙن کي ٻُڌايو،
ستم سان صدائون گهُٽاڻيون نہ آهن،
اکيون قاتلن کان ڪُساٽيون نہ آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اجايو جانم!

اِهو. تہ سڀ آ. اجايو جانُم!
جو رات مهڪي اکيون نہ اُڏرن،
بهار هوندي نہ لفظ اُيرن!
فجُر ننڊن جي حوالي ٻڌجي،
گلاب مهڪن اُداس رهجي،
نہ ڳالهہ ٻُڌجي. نہ ڳالهہ چئجي!
اِهو تہ سڀ آ. اجايو جانُم!
اِهو بہ سڀ آ اجايو جانُم،
هوا چِپن تي حجاب آئي،
سرءُ بدن ۾ وسارو ڇائي،
اڌورو آگم ڪهاڻي ٻڌجي،
تڏهن نہ خُوشبو وراڻي ٻڌجي،
پڪين تي آيل عذاب ڏسجن،
دري مان بيهي عقاب ڏسجن،
اِهو تہ سڀ آ. اجايو جانُم!
اِهو بہ سڀ آ اجايو جانُم،
اکين کي ڪي ناهي تياسُ ڇڏجي،
هٿن ۾ موسم نراس رکجي،
خطن ۾ ڪارا سمونڊ پرجن،
وچن اڌُورا اڌورا ڇڏجن،
اشارو ڪنهن جو ڏِڪاري ڇڏجي!
رفاقتن کي روئاري وجهجي،
ڪنوڻ جا ويهي خُمار پڙهجن،
ڪنارو پنهنجو وساري ڇڏجي!
اِهو تہ سڀ آ. اجايو جانُم!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اڄ.......................!

هرڻين جان حُسن جون اٿئو مُحبتون،
وحشتن ڏي اُنهن کي ڏُڪايو متان!
اڄ تڙپو ڪوبہ احساس ناهي ڪتي،
اڄ تہ سُرمون اکين لئہ گهرايو متان!
رات جوڀَيڙ لڄاري جيان ڪونہ آ،
جيءُ اٽموٽ جوڀي رُلايو متان!
اڄ، هوا ۾ رُلي تو وڇوڙو رُڳو
اڄ، هوا ۾ ٻگهر کي سُڪايو متان!
وقت وڏوا جي در تي سُمهي آ رهيو
چنڊ کي ڪو قصو اڄ ٻُڌايو متان!
ٻارڙين سان زنا جي هلي پئي وَبا،
ديپ پنهنجا درين مان اُجهايو متان!
ڪنهنجو زوري پيو پَرٽو ٿئي ڳوٺ ۾،
ٿهڪ پنهنجو ڪتي اڄ اُڏايو متان!
بي ضميري کي ناهي رَسو ڪو وڏل،
ڪنڌ ٻُلجي ڪتي پي جُهڪايو متان!
آءِ، تُوهر کي پاڪر پيرڻ تو وجان،
اڄ گهرايو متان، اڄ پُڇايو متان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دوستو اچڻ ڏيو!

متي جي نِرڙ تي نوان عجيب پير پيا گهُمن،
ٻِڏو هوا جي شاهدي پُڇو نہ ڪير پيا گهُمن.
اُڏن پيون اجرڪون نيون، ٽِڙن پيا هُو ڪنول ڏِسو.
گسن جا گيت ٻِي وري سڏن جا گهير پيا گهُمن،
ڏسو اکين جي شاعري پکين سان حال پئي ونڊي،
ڏسو ٻرن ۾ چاندني جمالا پئي وري چوي،
صداقتن جون صُورتون رفاقتن ۾ پيون ٽِڙن،
ڏسو هُو پوئنٽر پيا مڙن، ڏسو هُو گيُچ پيا چِڙن،
ڏسو غليظ سوچ جو تِئي پيو ليڙ ليڙ تَن،
ڏسو صُبح جي عشق جو ڦُٽي پيو بانورو بدن،
اُتي درن جي اوٽ مان اچي پئي ياڳ جي هوا.
ڪٿو ائين نہ آگريون اچي پئي جاڳ جي صدا.
ڦُڏي ٿو جو ڦُڏڻ ڏيو اُڏي ٿو جو اُڏڻ ڏيو
سُرن کي ڪُجھ چِڙڻ ڏيو سرن کي پو لُڏڻ ڏيو
نئين رُتن ۾ عشق جي نئين تميز پئي اچي،
چپن تي سُرخ دلبري اچي پلي سدا اچي،
چِٽي ٿو جو چِٽڻ ڏيو ٽِڙي ٿو جو ٽِڙڻ ڏيو
جَهليو اُگهاڙيون وحشتون، کِلي ٿو جو کِلڻ ڏيو
نهي ٿو جو نهڻ ڏيو ڊهي ٿو جو ڊهڻ ڏيو
نئين هوا کي ديس ۾ او دوستو اچڻ ڏيو!
او دوستو اچڻ ڏيو اچڻ ڏيو اچڻ ڏيو!


Scanned with CamScanner

soorihsindhiadab

## ڪيڏا وحشي هُل آهن!

تُون رابيلي مهڪار هُئين، تُون ٿهڪن جو سنسار هُئين،
تُون آرهڙ ۾ وٽڪار هُئين، او ٽاريلي اسرار هُئين،
هر رات جُهڙالي جا بادل، ها تنهنجي زلفن تي گهايَل،
تو ڳاڙها، نيرا ويس ڪيا، هو وقت اُنهن سان ٽڙپايل،
ٻي تنهنجي نيڻن جي هُر گر پئي ويرانين کي ڏنگ وِڌا،
۽ تنهنجي چپڙن جي چُرپُر ڪئين واهوندن کي ونگ وِڌا!


Scanned with CamScanner

تو شامُن کي تي ناز ڏنو. تو بارش کي پئي ساز ڏنو
تو تارن کي بيتاب ڪيو تو چارن کي آواز ڏِنو!
تو آڏين ۾ سؤ راز چڙيا، تو آڪيرن سان پيار ڪيو
تو جوڳيئڙن ڪان بينُ پڙي، تو نيڻن کي اظهار ڪيو!
تو خوابن کي همراهه ڪيو تو دلدل تي ويساهُ ڪيو
جنهن ڏيئي سان تو چاهه ڪيو، تنهن چاهت کي آڙاهه ڪيو
تو سوچيو ڪو صحرا ناهي، تو پانيو توهر گل آهن،
ڏِسُ ڪيڏي تنها اڄ آهين، ڏِسُ ڪيڏا وحشي هُل آهن،
تُون ويساهن جو خُون ٿئين، تُون سُڏڪن جو مضمون ٿِئين!
تُون جولاءِ ۾ جُون ٿئين، تُون دردن ۾ مدفون ٿئين !
تو جنهن کي چاتو ڪُوڪ هُيو سو ڪاريهر جي ڦُوڪ هُيو
جڙ تنهنجو سپنو توڪ هُيو جڙ تُنهنجو هريل هُوڪ هُيو!
اڄ تُنهنجي چوٽي چانگيل آ، اڄ تُنهنجو منڙو تانگهيل آ،
اڄ تُنهنجو جلوو لاشو آ، اڄ تُنهنجو جوڀن دانگيل آ،
ڏِسُ! چنڊ ڏسي تو اچرج مان ۾ سوچي تو تُون چا آهين؟
ڪلهه چانڊوڪيءَ جو شهر هُئين، اڄ دل جي حيرت ڪا آهين!
هر ڪُونيٽ تي اڄ ڪويَل آ، هر روهيڙو اڄ ڳاڙهو آ،
پر تو ۾ آ ڪو مور مُئل، ڪو ترسيل تو ۾ ڪاڙهو آ!
ڪو گل ناهي، ڪو پن ناهي، اڄ ڳوڙهن کي ڪا جَهل ناهي!
چا تِي پيو سُهٽو پل ناهي، دل هارڻ ڪوئي حَلُ ناهي،
بس رکجان دل ۾ ڳالهه اِها، هر چوليءَ لئه ڪو ساحل آ،
هر اُڏمي کي ڪو چيڙو آ، هر رستي کي ڪا منزل آ!

(پيار جي ڪيل شادي ۾ ناڪام موٽندڙ ڇوڪريءَ جي نانءُ لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## وشواس ڏي

عاشقين کي روح جي پرواز ڏي.
ڏسُ! جبر پيو سوچ جو پيلي بدن.
ڏسُ! چڙهي پيو سنڌ تي ميرو ڪفن.
خاڪ پنهنجي کي نئون سُر ساز ڏي.
عشق کي گيڙو رتو آواز ڏي!
چنڊ گلابن کي چُمڻ جو حسرتن.
دلبرين کي سات جو احساس ڏي.
آرسيون هاڻي ننوليون تيون لڳن،
زندگين کي روز گوليون تيهن لڳن.
بيوسين کي هاڻ ڪو بنواس ڏي.
قافلن کي تون نئون وشواس ڏي.
رک نگاهُون خودڪشين جي راز تي،
ننڊ باري واهوندي کي واسِ ڏي!
ڏسُ! ملاحن جون بتيون ناهن سُتيون،
رَت شهيدن جو اجا جاڳي پيو
بارڙين جون ڪنهن اکيون ناهن اگهيون!
گوٺ آهن درد جي آغوش ۾،
بزدلي کي هاڻي ڪوئي تياسُ ڏي،
هُو چٽي پيو ماڻڪين جو بُور ڏس،
ڏسُ! وڏي پيو ڏانوٽين جو پُور ڏِسُ!
سج پونن جي مٿان پيو ڏس بري،
ڪٽڪ لُٽندڙ آڱرين جو سُور ڏِسُ!
منزلون هاڻي کپن آواز کي،
جيئن پُراڻي رات کي گهوگهو اچي،
جيئن صبح جي روح جو پرچم نچي،
اُٿا! صدائن کي اُهي انداز ڏي!
عاشقين کي روح جي پرواز ڏي!


Scanned with CamScanner

## وفا ڪٿي آ!؟

ٻُڌائي ڪوئي وفا ڪٿي آ؟
وفا ڪِٿي آ. وفا ڪِٿي آ؟

شفا گهرن جي درن کي کوليو
گداگرن جي پرين کي کوليو
درن ۾ ڳوليو، ٻرن ۾ ڳوليو
پٿر هٿائي سَرن ۾ ڳوليو
ڏِسي ٻُڌايو، وفا ڪِٿي آ؟

هوا ڦلهوريو، صدا ڦلهوريو
ٻنيون، ٽڪاٽا، گهٽا ڦلهوريو
سمُونڊ، دريا، ڍنڍون لتاڙيو
ڪنارا، ڪيٽيون، دڙا ڦلهوريو
ٻُڌي ٻُڌايو وفا ڪِٿي آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نقاب .چهرا سچا نهاريو
اکيون، سگهيون ۽ چِتا نهاريو.
پلي هُو سينا اُيا نهاريو
کنن جا جهومڪ اچا نهاريو
اچي ٻُڌايو وفا ڪِتي آ؟

چڙا وڄن تا وڳن ۾ ڳوليو.
ڪٽي ڏياتيون دڳن ۾ ڳوليو.
سڳنڌ ڦلهوريو سُرن ۾ ڳوليو
رُتن جي ريتين رڳن ۾ ڳوليو.
پَلي ٻُڌايو وفا ڪِتي آ؟

پُڇي وٽن کان تصو ٻُڌايو
ٻُڌي گهٽن کان سچو ٻُڌايو
چوي جو ڪويل اُهو ٻُڌايو.
گلن کي ميڙي، اچو ٻُڌايو.
سچي ٻُڌايو وفا ڪِتي آ؟

نتا ٻُڌايو ٻُڌو اسان کان،
جتي دغا جو وجود ناهي،
جتي ذرو ڪو جمود ناهي،
صليب، ڦاهيون، سزائون ناهن،
جتي مطلبي حدود ناهي،
وفا اُتي آ، وفا اُتي آ!

southsindhadab


Scanned with CamScanner

## ڪيٽي بندر تي سوچجو!

سمنڊ جي هر هڪ اڪر تي سوچجو
باڪ ويلي شاهبندر تي سوچجو
مهڪ ڪي وارن وساري ڇو ڇڏيو؟
پاڻ ڪي تارن وساري ڇو ڇڏيو؟
پاڻ ۾ هو سِڄ ڪي نچٽو پرين،
پاڻ تياسين ڇو عذابن جي ڪتا؟
درد جي ڪاري خنجر تي سوچجو
شام جو ڪيٽي بندر تي سوچجو.
روشنيون پنهنجين نهارن ۾ هُيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عظمتون پنهنجين اُڏارن ۾ هُيون،
پاڻ گهوڙن جا قدم روڪي ڇڏيا،
منزلون پنهنجون ستارن ۾ هُيون،
پاڻ کي هو عشق ۾ رچڻو پرين،
پاڻ دل تي ڇو ڪفن اوڍي ڇڏيا؟
وقت جي وحشي نظر تي سوچجو
شام جو ڪيٽي بندر تي سوچجو.
پاڻ ارغونن کي هو ڌوڪي ڪڍيو!
پاڻ ترخانن کي هُئي تيلي ڏِني،
پاڻ پنهنجي لاڙ کي ياڪر پريا،
پاڻ مڪلي کي نئين بولي ڏِني،
پاڻ کي هو قهر کي ڪَپڻو پرين،
پاڻ ڇو پنهنجي ڳچي ڳارا ٻَڌا؟
ننڍُ جي ڌرتيءَ بنجر تي سوچجو
شام جو ڪيٽي بندر تي سوچجو.
پاڻ ڏياچن جون اکيون هاسين جڏهن،
پاڻ خوشبوءَ جون ٻنيون هاسين تڏهن،
پاڻ ۾ پئي چنگ ٻيجل جا ٻُريا،
پاڻ ياڳن جون صديون هاسين تڏهن،
پاڻ کي هو جاڳ ۾ رهڻو پرين،
پاڻ ڇو پنهنجا وچن وڪڻي ڇڏيا؟
جسم جي ڳاڙهي ٻگهر تي سوچجو!
شام جو ڪيٽي بندر تي سوچجو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## منهنجا پهر اُجارين ٿي!

تُون وار هوا ۾ وارين ٿي،
ڪو دريا مُون ۾ دانهي ٿو!
ڪا ڪويل مُون ۾ ڪُوڪي ٿي،
ڪو تارو مُون ۾ ٽِمڪي ٿو
ڪا بارش مُون ۾ جاڳي ٿي،
تُون ڪارا نيڻ اُلارين ٿي،
پو چيتن ۾ تا چنگ ٻرن،
پو ڪيتن ڪي تا ڪيپ چڙهن.
تُون هر ڪا مُڪڙي ٺارين ٿي،
ڪو سپنو مُون ۾ چمڪي ٿو
ڪا واري مُون ۾ سَهڪي ٿي،
ڪو سُورج مُون ۾ ڀَڪي ٿو
ڪا ٺاري مُون ۾ مهڪي ٿي!
تُون مُون ۾ عشق ڦُلارين ٿي،
تُون منهنجي ننڊ اُڏارين ٿي،
رابيل ٽٽن تا ڳالهين جا،
اسرار اُٿن تا جهاتين جا،
تُون منهنجا پهر اُجارين ٿي،
آواز اچن تا چوُڙين جا،
۽ گيت ڦُٽن تا پايَل جا،
ڪو چنڊ دُکي ٿو سانوڻ جو،
ڪي ناز ورن تا ساحل جا،
جي تُون نہ ڪٽي يي ساڙين ٿي،
۽ جي نہ خزان ۾ ميڙين ٿي،
ڪا وحشت مون کي روڙي ٿي،
ڪا آڌي مون کي ٿوڙي ٿي،
ڪا دلدل مون کي ڳولي ٿي،
ڪا چولي مون کي ٻوڙي ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اِهو عشق نُقطو اسان کي ٻُڌايو!

سُمهڻ سان سفر ڪو نہ ويندا وَليون تي،
روئڻ سان پٿر ڪو نہ ايندا ڪَليون تِي،
چوڻ سان نہ خاموش طوفان ٿيندا،
اُٿڻ سان ئي ويندءون گُلابي گليون ٿِي،
حُسن سان دلين جي ڌَڪن کي ڇُٽايو!
اِهو عشق نُقطو اسان کي ٻُڌايو!

اِهو ڦاهيءَ ڦندو بہ جڻ ڪا سڳي آ.
صليبُن جي سختي گلن جي اَڏي آ.
اڙي مقتلن کي بہ مهڪار آهي،
چٽڻ جي سُرورن کي مستي وڏي آ.
اُتو خواب پنهنجا امن لئہ لُٽايو
اِهو عشق نُقطو اسان کي ٻُڌايو!

ستارن ڏي جيڪر وِڳر ڪَرِنہ ويندا.
مٽي تي چمن جا نہ آثار ٿيندا.
ختم نفرتن جا نہ اظهار ٿيندا،
عذابن سان انسان سنگسار ٿيندا،
حياتي کي دردن ۾ چو تا اُڏايو!؟
اِهو عشق نُقطو اسان کي ٻُڌايو؟

چڪورن سان پنهنجي رفاقت وڌايو
نئين چانڊني جا نوان ڳيچ ڳايو
انڌيرن جا لاشا هتان کان هَٽايو
نئين روشني ڏي وِڳن کي وڌايو
اچو وحشتن جي عُمر کي گُهٽايو
اِهو عشق نُقطو اسان کي ٻُڌايو!

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

soorihsindhiadab

## جو سنڌ آهي تماشو ٿي ويو!؟

مزاجُ ڪيڏو ڪنو رکي ٿِي،
ڦُٽي آ موسم اُها درڻ ٿي،
چِني لُٽي پئي ڪَليون ڪُنواريون
ڦُٽيون جي آهن مسين گسن تي،
رفاقتن کي پَڌائي پٽڪا،
لُٽن تا هُو دلنشين سپنا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پگُنَ تي آٿي غليظ پيرا،
کُهن پيا ڪيڏا حَسين چهرا،
هُو عصمتن تي اُگهاڙا ڏاڙا،
هي وحشتن جا نماءُ جرڳا،
هُو ڪورٽن ۾ پنيون نگاهُون،
دارالامانن اندَر اوجاڳا،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ نوان پُڇاڻا،
سُچاڻپن جا ڏباءُ هريل،
۽ جسم ڳاڙها سندي لهو ۾،
هُو خودڪشين جا عذاب ٽاٽا،
چپن تي بندش نظر تي بندش،
کُڇڻ بہ ڪافر ٽيڻ جيان آ،
ٽَڪن تي ماپيا وچن تا جذبا،
قيدي جي جيون جيئڻ جيان آ،
عقاب جهڙيي نهار هرڪا،
بهار آهي ڪو لاشو ٿِي وئي!
چو سَڏُ آهن سيئي مَري ويا؟
چو سنڌ آهي تماشو ٿِي وئي؟
ٻُڌو ضميرن سنديون صدائون،
ٻُڌو ٻنن تان خزان هتايو!
اُتو سنڌوءَ جون ڪنول نياڻيون،
نئينَ دلالن هتان بچايو!

❀

(مُحبتن جي نالي ۾ دولابن ۽ جرڳن جي واهيات سسٽم خلاف لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## آرس آهي مقتل جو!

ڪا هُن جي ڳالهه مجي وٺبي،
ڪا پنهنجي ڳالهه چئي ڇڏبي،
هُوءَ دريا آهي چا تِي پيو
دريا سان ملائي دل رکبي،
دريا ۾ وجائي دل ڇڏبي!

هُوءَ حيرت آهي خُوشبو جي،
هُو صورت آهي فطرت جي،
هُوءَ آس اُجي وٺجارن جي،
هُو مدهوشي وسڪارن جي،
هُو ماڪ نئين پرياتين جي،
هُوءَ چوتي چوڏهين راتين جي،
هُو لالي شوخ روهيڙن جي،
هُو جهولي عشق ڏوهيڙن جي،
هُو ساک صبح جي بستي جي،
هُوءَ لاٽ لڱن جي مستي جي،
هُوءَ گُذري تِي جي چارن تان،
چِڳ اُڏري تِي اظهارن مان،
دل گهور وجهي تي پاچي تي،
هُوءَ برکا آهي ڪاچي تي،
برکا سان ملائي دل رکبي،
برکا ۾ وجائي دل ڇڏبي!


Scanned with CamScanner

هُوءَ آرس آهي. مقتل جو
هُو پرهه اُجايل چيٽن جي،
هُو اُيري تِي هر سپني مان،
جڻ بولي آهي ٻيٽن جي!
هُو پهرين رات جواني جي،
هُوءَ پهريون ڳيچ ملهاري جو
هُوءَ پهرين مُرڪ اونهاري جي،
هُو پهريون ڦُول بهاري جو
هُو پهرين بارش ساوڻ جي،
هُو پهرين جاڳ سياري جي،
هُو پهرين جهاتي ساحل جي،
هُو پهرين جوتي تاري جي،
هُو پهرين خُوشبو ميندي جي،
هُو پهرين ورڪا پاري جي،
ورڪا سان ملائي دل رکبي،
ورڪا ۾ وڃائي دل ڇڏبي!

ڪنهن رستي تي يا سپني ۾،
ڪنهن سُڏڪي ۾ يا ٽِڪي ۾،
ڪُجهه دل جو حال سُٽي وٺبو
ڪُجهه دل جو حال چَئي ڇڏبو
ڪا هُن جي ڳالهه مڃي وٺبي،
ڪا پنهنجي ڳالهه چئي ڇڏبي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪِري جڻ چنڊ پيو آهي!

نگاهُن ڪي نئين چر پُر پُڇايو تنهنجي سامهون آ،
لڳي ٿو هِي متي پنهنجي پُڏي ويندي اوجاڳن ۾،
ادا نيري نياڻن جي ڪٽي ويندي وراڪن ۾،
نہ پو ڪا رات واريندي، نہ پو ڪو صُبُح تاريندو
ائين مدهوش رهنداسين هُجن گل جيئن ڪتابن ۾.
لڳو آ من جي موسم کي نشو آ تنهنجي پيرن ۾.
تڏهن ئي رات ڪاري جا قدم هي لڙڪڙائن تا !
حنا آ تنهنجي هٿڙن تي، سڏن جو رقص نيڻن ۾،
ڪُنواريون ڪهڪشائون هن تنهنجي وارن جي گهيرن ۾،
تُون اهڙي راڳڻي آهين نہ جَنهن کي سمنڊُ تو سمجهي،
نہ ڪائي آرسي جاڻي، نہ ڪوئي مَنڊُ تو سمجهي،
رُڳو هي روح تو جاڻي، رڳو هُو چنڊُ تو سمجهي،
تُون آهين پاڻ لالائي، جا آهي عشق جي ڳَلُ تي،
جا آهي چيٽُ جي تن ۾، جا آهي خواب جي وَلُ تي!
تُون آهين گهور پُورب جي جتان تِي روشني اُيري،
سوين سُورج مُکين جي تِي نظر تو پار ڏي اُڏري،
متي هن ماڳ تنهنجي جي چُهي تِي شام جو تارون،
لڳي ٿو سپ نئون آهي، لڳي ٿو ڪا بغاوت آ ن!
تڏهن ئي واسُ جي ڪينچل چُمي تي پُور رستن جا،
نظارا گنگنائن تا لڳي ٿو ڪا صداقت آن،
بُڏايون چا، چئون پي چا، اسان سان لفظ ڪو ناهي!
اُڏارو چا وٺون ڪوئي، جو گهرجي رنگ سو ناهي،
نهاري اوٽُ اجرڪ مان ڪيو تو ٿهر آ ايڏو
لڳي ٿو وقت جو ڪانٽو جمي بيهي رهيو آهي!
اسان جي من مسافر تي ڪِري جڻ چنڊ پيو آهي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اُتي دل وساري!

ستارا پڙن جي پڙهن تا ڪهاڻي،
جتي جاڳ آهي ازل کان اُجاري،
صدين کان نندڙاڪا رڳو ڏهر آهن،
رڳو سُڃ واڪا، رڳو واٽ واري،
پُڇين تو اُتي دل اسان ڪيئن وساري؟
ڏِسين جي حقيقت، عجب پيڊُ آهن،
حجابن ۾ جذبا تيا قيد آهن،
قسم دلبري جو بُڌايون نه چاهي،
نگاهُن اندر ۾ ڪيا چيڊُ آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتي آس ماندي، جتي آب ناهي،
ٻڌين تو اُتي دل اسان هينئن وساري!
ڇُنين اوت مان تي بهارن نَهاريو
لڳو چڻ بدن ۾ ڦُٽا هن روهيڙا،
دهل تي هُو ڦيرن ۾ نچندڙ جوانيون،
ڪنڌين جا اُڇايل لڳيون تي ڏوهيڙا.
ٽريلي هوا ۾ هُئي ڳيچن جي رمجهم،
اُڏيون تي پڙن جي ورن جون پُڪارون،
لڳو سنڌ ساري سڏي تِي اکين کي،
چروڙين تي چلڙن ڪيون ڪي تنوارون،
اُنهيءَ ميڙ ۾ هُئي قرارن جي بولي،
اکين ۾ ڪنيو پئي هلي بارشن کي،
پُسياسين تہ پوءِ پتو پيو اسان کي،
ڪٽي وئي ننڊُن کي گلابي ڪا چولي،
نماڻن چپن تي نشو هو صدين جو
ڏِگهن ڪاڪُلن ۾ سُتل چانورا ها،
ڪِلڻ جي نزاڪت صفا پيروي هُئي،
وچن آرسُن جا بنهه بانورا ها،
خبر ناهي ڪهڙو هُيو ڏوهہ ڪنهنجو؟
اسان سوچ پنهنجي اُتي ئي قطاري،
اسان نينڊُ تي ڏئي ڇڏيو موهہ پنهنجو!
اسان سنڌ پنهنجي اُتي ئي نهاري!
ٻڌين تو اُتي دل اسان هِي وساري!

❀

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# درد کو خواب آ!

توسان نيڻن جو اتڪڻ ڀانو ٻٽيو
تُون اڳي ئي تصور ۾ موجود هُئين،
تُون اڳي ئي هُئين روح سان جڙ اڙيل،
تنهنجي چُوڙين جو ڇڻڪڻ ترانو ٿيو
تنهنجو نياپو مليو جڻ خزانو مليو.
ڪالهه تُون دُور هُئين ٻي ڪناري جيان،
شهر جي ڍنڍ ۾ مان اُجاري جيان،
دل تي تنهنجي هُڳاءَ جي موسم رهي،
تانگهه تُنهنجي ٻري ڪنهن ستاري جيان،
مُون ٻڌو هو نه تو جهڙي ٻي ڪير آ،
مُون ٻڌو هو ته آهين سمنڊ جي صدا،
تهڪ تُنهنجا ٻڌا ها مُون ڪنهن ڪاڄ ۾،
دل مڃيو هو ته آهين نديءَ جي ادا،
بارشن جي اُها شام ناهيان ڀُليو
تڙ ڪري وار تو پئي سُڪايا صنم،
وقت جي نرڙ تي هو تجسس لڪل،
تو نه ڄاتو شهر ڪيترو هو ڇُليو!
اڄ اُڃي رات ۾ تُنهنجو آواز آ،
تنهنجي لفظن ۾ آهن ڄُڳن جون اکيون،
تنهنجي نازن جون ناهن ڪٿي اڄ حدون،
تُنهنجي ماٿار ڪي پي عجب ناز آ،
ماڪ ڄاڳي پئي، خاڪ بيتاب آ،
لوڪ آهي سُتو ڪٿ نه مهتاب آ،
تنهنجي مُرڪن جي خُوشبو ۾ دل ٿي چوي،
وقت محبوب آ، درد کو خواب آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سنڌ جي پايل لڳي۔

مُشڪ نظرون انتهائون ئي ڪنديون،
پوءِ بہ ڏسجي ڪير تو مُرڪِي اچي،
ڪير هن مقتل نئين مان تو بچي،؟
فيصلو هُن جون ادائون ئي ڪنديون،
ٿهر ٿيندو گل جي مهڪڻ جو قسم!
وقت جو پئونرو ٻُڌائي تو اِهو
هيل پرندا خواب نيڻن ۾ گهڻا،
شهر ٿيندو نيٺ اوجاڳا سچو
پنڌ هاٽي ڪي پُڇائون ئي ڪنديون،
هي ڪٿوريون وارتائون ئي ڪنديون!
ذوق جو شاعر چوي تو عشق ڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گرم ٻانهُون بس گھتائون ٿي ڪنديون،
هُوءَ هنيلا پير ٿِي اهڙا ڏري،
جڻ پرهه ٿي پيار جو ڳائي غزلِ،
جڻ ڪُڏن تا واءُ تي ڪيئي ڪنول،
جڻ درن کي ڪا ڇُهي ٿِي عاشقي،
جڻ پنن تي پئي هلي ٿِي چاندني،
هُن جو آرس ٿو بهارن کي ٻڪي،
وار ڪارا ٿِي کُلهن تي جي ڇڏي،
آرسين جي آتما اُجڙيو وڃي،
بارشن جي ارپنا اُلجھيو وڃي،
ماٺ هُن جي سانوٽين جو ڏيکُ آ،
جاڳ چا پر چنڊ ئي تڙپيو وڃي،
ساحلن کي ياد سُهٽي ٿِي اچي،
سارنگن کي ڪاڪُ جي مومل لڳي،
شام سمجهي ٿِي تہ آهي سارنگا،
بادلن کي سنڌ جي پايُل لڳي،
چا بہ آهي دل جي ڌڙڪڻ جو قسم،
سانجهہ جو سُرمون گواهي ٿو ڏئي،
چيڳرايُون هِي صدائون ٿي ڪنديون،
ڪير ڏسجي حادثن مان ٿو لنگهي،؟
ڪير ڏسجي فاصلن کي ٿو ونگي؟
ڳالهہ پڌري هِي ڏسائون ٿي ڪنديون!
فيصلو تازيون هوائون ٿي ڪنديون!

## ڦھرا ھو ٿيو!

آرھڙ ميڙيا، سارنگ ميڙيا،
سوڳ ڏنارن جا چنگ ميڙيا،
وقت بھارون چرڪي ميڙيون،
دل ڪيڏاري جا ڏنگ ميڙيا،
جھولا ميڙيا، شامُون ميڙيون،
طوفانن ۾ لامُون ميڙيون،
ڇُوڙيون ميڙيون، پوتيون ميڙيون،
ويڙھيل ڪاريون چوٽيون ميڙيون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هولنيون ميڙيون، ٻوليون ميڙيون،
ڪوڏيون ڇُونڊي، ڇوليون ميڙيون،
ٻيڙيون ميڙيون، دريا ميڙيا،
ٿُوهر ڪارا، صحرا ميڙيا،
پلڙا ميڙيا، ڇلڙا ميڙيا،
ڳوڙهن وارا ڳلڙا ميڙيا،
وڻجارن جا پاڇا ميڙيا،
ٻي ڪفنن جا لاشا ميڙيا،
مينڌي ميڙي، ڳانا ميڙيا،
ٻاجهر داڻا، ڪانا ميڙيا،
تارا ميڙيا، چارا ميڙيا،
پَن چڻ ڪان اڳ پارا ميڙيا،
دل دردن جو سينو ڪيڙيو!
تنهائي ۾ سيڪي ميڙيو
ها پر جانان ٿهر اِهو تيو
جنهن پل تُنهنجون يادون ميڙيون،
تنهن پل هر ڪنهن رستا ڳوليا!
رات اکين جا سپنا روليا،
تو نہ وچوڙا پنهنجا ميڙيا،
ڪنهن نہ اسان جا ڳوڙها ميڙيا!

❀

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## درد هينئين تي جاڳي ٿو!

ڪو سوڳ صدين جو داڳي ٿو!
ڪو درد هينئين تي جاڳي ٿو!

ڪئين خوابن کي بندوق لڳي،
ڪئين يڪتارن جا ڳاٽ ڀڳا،
ڪئين ڪنولن جو قتلام ٿيو
ڪئين مهڪارن جا ڪاٽ لڳا،
پر ڪونہ انڌيري رات ڳتي!
سنڌ راٽي، ساٽي ٿيندي وئي،
تاريخ پُراٽي ٿيندي وئي!

ڪئين ڀِيرو عشق اُڏاريا ويا،
ڪئين ڳاڙها گهوٽ سُمهاريا ويا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر پيلو پيلو پارڻ تيو
سڀ پوپٽ ڳولي ماريا ويا،
پر ڪا، نہ سُريلي لات ڦُٽي،
سنڌ راٽي، ساٽي ٿيندي وئي،
تاريخ پُراٽي ٿيندي وئي!

سڀ موهيڙا رت چاڻ ٿيا،
سڀ راسُوڙا برباد ٿيا،
سڀ مُرليون رڻ جي ماٺ ٿيون،
سڀ اوسيئڙا اڃاڻ ٿيا،
پر ڪونہ درن مان جهات اُٺي،
سنڌ راٽي، ساٽي ٿيندي وئي،
تاريخ پُراٽي ٿيندي وئي!

ڪُجھ ويسارن جو مرض رهيو
ڪُجھ غدارن جو مرض رهيو
ڪُجھ عشق اڌورا رهجي ويا،
ڪُجھ ڪاپارن جو مرض رهيو
ڪٿ ڪونہ ڪُنواري جاڳ اُٿي،
سنڌ راٽي، ساٽي ٿيندي وئي،
تاريخ پُراٽي ٿيندي وئي!

ڪا چيخ هينئين تي جاڳي ٿِي!
تاريخ هينئين تي جاڳي ٿِي!

## ڳهر پري ڪر نيٽن جي!

تُون ڳهر پري ڪر نيٽن جي،
وجهه گهور اباٽي ڌرتي تي،
ڏس، گهنبي مٿي ماتم آ،
دلال گهمن پيا رستن تي!
ڏس، ڳاڙهيون مُڪڙيون پيرن ۾،
ڏس، ڳاڙهي ميندي زخمن تي!
بدبخت چتائون جانچي ڏس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏس، خُوني شامون ڳوٺن تي،
تهذيب کي تيلي آيل ڏس،
ڏس، ڪاريون اُلرون پٽڪن تي!
تُون گهر پري ڪر نيٽن جي،
ڏس، پنهنجي لاڙي متي کي،
پڙهه، ساموندين جي صدمن کي!
ڏس، ڪيڏا ڪندا جاڳن تا،
پڙهه، اوڏيائين جي پيرن کي!
ڏس، ڪيڏي ڌُوڙ اڏامي پئي،
رابيل سُڪن پيا تارين تي،
هر چُوڙي کي اوجاڳو آ،
الزام ٻرن پيا نارين تي،
تُون گهر پري ڪر نيٽن جي،
ڏس، پوڙيسر جي باک سڙيل،
ڏس، ڇاتي ڇاتي نوحو آ،
ڏس، ڪيڙا قاتل نياڻين ڏي،
ڏس، توهر توهر موڳو آ،
ڏس، شهرن جي بازارن ۾،
اڄ ڪاڇي جا تا ٻار پنن،
ڏس، ٻُولو ٻُولو گروي آ،
ڏس، هر هنڌ پيا مزدور مرن،
تُون گهر پري ڪر نيٽن جي،
جيئن ڪارونجهر تي چنڊ نچي!
هي رات اگهاڙي ڏُور پڄي،
ڪا ماڳن تي تذڪار اچي،
هِي پنهنجي ٻولي ڳات ڪٽي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻُجهارت ڪا تہ هُوءَ آهي!

لُڪن ۾، پيار واهُوندو
گهلي تو پاڻ سوچيون تا،
الاءِ، ڇا تہ هُوءَ آهي؟
ڪڏهن ڪوري گهڙي وانگي،
ڪڏهن ٻوري ٻڙي وانگي،
ٻجهارت ڪا تہ هُوءَ آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اکين جي ريشمي اُڻ تُڻ،
برن تي باک چوڙي تِي،
چون تا موسمون موڙي،
سڄي ماڻار پوڙي تِي،
اُها جڻ شام جي بارش،
وڄُن جو ويس اوڍي تِي،
اَڪيلائي جي پن چڻ ۾،
هينئين تي ديس اوڍي تِي،
چگن سان ماڪ کي ميڙي،
نئون اتهاس کولي تِي،
گتر ماحول تو چرڪي،
صُبح جو واس ڳولي تِي،
چٽي تِي دلبرين کولي،
وٽن کي پيار آڇي تِي،
تکي تِي عاشقين کولي،
نوان اظهار آڇي تِي،
اُنهيءَ کي پنهنجي آ خوشبو
اُنهيءَ کي پنهنجو آ ديبل،
اُنهيءَ کي پنهنجي آ مستي،
اُنهيءَ کي پنهنجو آ ساحل،
اُنهيءَ کي پنهنجي آ ڪشتي،
اُنهيءَ ۾ جاڳ روليون تا،
لڳي تو پاڻ ڳوليون تا،
سفر ۾ هاڻ سوچيون تا،
اُها احساس جي دل آ،
اُها هن دل جي منزل آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ننڊ ناهي اچان!

هي ڏکي ٻاٽ هاٽي هينئون تي وڍي،
تو لڳي ڪنهن بلا جي متان پير آ،
هو ستارا تا قبرن جا ڪتبا لڳن،
چاندنيءَ کي ڪُهي ويو الئه ڪير آ؟
درد مُرڪن جو سينو پيو ڪائي اچان!
ننڊ ناهي اچان، ننڊ ناهي اچان!

هي اُتر جي هوا ڪيتري بي ڇڱي،
هُوءَ اُنهيءَ کان گهٽي ايتري بي ڇڱي،
هن جون ڳالهيون ڪجن هاڻ کهڙيون ڀلا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُوءَ نئين شام آ جيتري بي چَئي،
هُوءَ اکين ۾ ڪجل ڪي ٽِپي پائي اجان.
ننڊ ناهي اجان، ننڊ ناهي اجان!

ڏينهن ٽاٽا اجان، پهر قابُو اجان،
پنهنجي سنڌوءَ جي هر لهر قابُو اجان.
پارَ ماڳن جو ماتم ڪريون چئو ڪٿي؟
ڳوٺ قيدي اجا. شهر قابُو اجان.
سنڌ کي پئي غداري کپائي اجان.
ننڊ ناهي اجان، ننڊ ناهي اجان!

عشق تي قهر آهي سمورو ٽُٽو
ڳيچ دل جي چپن جو اڌورو ٽُٽو
جڻ بلاول جون آهن هڏيون ويون رُلي،
جڻ پٽائي جو آهي طنبورو ٽُٽو
ڪنهن کي چئو چنگ پيهر وڃائي اجان،
ننڊ ناهي اجان، ننڊ ناهي اجان!

پارڪر جي ڏٿن جي چَڙين جو قسم!
نينگرين جي اگهاڙين رڙين جو قسم،
رنگ ناهي ڦِٽو پنهنجي احساس جو،
باک جي آس وارين گهڙين جو قسم،
رَت ڦُڙن ۾ ڪو ديبل پيو ڳائي اجان،
ننڊ ناهي اجان، ننڊ ناهي اجان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اِهو ڪُوڙ ناهي!

اِهو ڪُوڙ ناهي، هنن ئي گسن تي،
گجُن جي تڪُن جا ٽَيا چمڪاٽُ آهن،
۽ چُوڙين اُڏاريا ڪي چٽڪاٽُ آهن،
ڦُٽين ڦاٽُ ڪائي ڪنيا ڳاٽ آهن،
هنن ئي پَٽن تي ٽڏي مُند اوڏي،
هَٿيلن ڊِگهن جا لُڏيا ڪَنڌُ آهن،
ڀِريل بيل گاڏين ۾ ويٺي ڪُنوارن،
پرينءَ جي اگهڙ ڏي ڪيا پنڌ آهن،
هنن ئي دڳن تي نوان ٿِي ستارا،
ڏيارين جا ڏيئا ۽ عيدن جا ليئا،


Scanned with CamScanner

نوان ناز پائي گُلن جيئن ٽِڙيا هن،
نوان نينهن اربي ٿيا هن اشارا،
هنن ئي پکن ۾ فجر کَي نهاري،
اَچو کير ڪٽندي ٿيا هن سويرا،
پڳن جي ورن ۾ ٻري جاڳ آهي،
دنگن جا، ننگن جا ٿيا هن نبيرا،
هنن ٻاجهرين جي ٻنن تي اُپامي،
نَڪورن نشن سان مليا ميت آهن.
اُڏيا زلف آهن، پُسيا نيڻ آهن،
ٻکن جا وراڪا ٿيا سيڻ آهن،
حجابي چپن مان ڇُليا گيت آهن.
هنن ئي ڪکن مان ڪي هوشو اُٿيا هن،
ڪَي دولهه وڙهيا هن، ۽ دودا وريا هَن،
اجهل روپلن جون ڪَهاڻيون به آهَن،
عنايت جي نيڻن ۾ شعلا ٻَريا هن،
اِهو يوڳ ناهي، اِهو يوڳ ناهَي،
مگر اڄ انهي ئي مٽي تي دغائن،
لُٽيا يار آهن، گُهٽيا ٻار آهن،
اڙي موملن جا ڪٽيا وار آهن،
تڏا سرد آهن، وڏا درد آهن،
اسان جي هينئَن تي رُڳو ٻار آهن،
رڳو رُڄ آهي، رڳو اُڄ آهي،
اسان جي دلين ۾ چُڀيا خار آهن،
عقابي چنبن ۾ سفر هاڻ آهن،
اسان جا جياپا رتوڇاڻ آهن!
اِهو ڪُوڙ ناهي، اِهو ڪُوڙ ناهي!!

❀

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مان ڏيئو سنڌ جو آهيان!

بروير، دوزخون آهن، سراسر سوچ گهاٽو آ،
اُڏارن ۽ نهارُن ۾ اڳوٽو ڪو نہ ماٽو آ،
ٻنين جي مست ڇاتين تي سيئي رابيل رَت آهن،
حجابي حُرمتون ناهن، سڄو چڙ وقت ٽاٽو آ،
بروير، ڳالھ اهڙي آ، سُريلي سا صبا ناهي،
پرين جي ڳوٺ ۾ جنهن کي ڇُمي ٻيهر وري ڇُمجي،
بدن جنهن جي شرابي کي شبابي عشق سان اُگهجي،
بروير، ماڪ ۾ وهنتل لڄاري سا هوا ناهي!
بروير، پينگ ئي آهي، اُها واسينگ ئي آهي!

soorhsindhacab


Scanned with CamScanner

## زندگي ڳولجي!

ڳالهه آهي اِها، چنڊ ورچيو وچي، درد اُڀريو اچن،
سچ ساڙيو چڙي، عشق تارن جيان پيو اُجهي ۽ ٻري،
لاش جهڙيون اچا موسمون جوڳياڻين جي پيرن جيان،
بي چيون تِي صفا، دل جي واٽن مٿان هاڻ ڳُذريو وڃن،
ڳالهه آهي اِها، جسم آهي صُبح جو سڄو ئي ڪُنل،
سانوري سانجهه کي دلڪشي جي ادا هاڻ ناهي گهٽي،
اوپري بي سُري رات ڪاري آ ڏائڻ جي پاڇي جيان،
ڳالهه آهي اِها، پنهنجي دردن جو ناهي رهيو ڪو ڏٽي،
وقت جي تِير جي ڪاڏ ناهي خبر، ڪاڏ ناهي خبر!
گهاوَ آهن گهڻا، خواب ڪو هاڻ ناهي سلامت رهيو،
واءُ جي تاءُ ۾ دل جي آڙي ڪان آهن رُسي ويا غزل،
سچ آهي اِهو، ماڻ جو پوڳ آهي قيامت رهيو،
آرسي چا ڏسون! مُرڪ رستي تي ٻالڪ جيان آ مُئي،
ڪو زمانو ٿيو، ٿهڪ ناهي ڪبوتر جيان ڪو اُڏيو،
ماڪ آهي پئي، چرڪ ميڙي وفا ننڊ ناهي ڪئي،
چنڊ کي آ خبر، ڪُڙڪ تي هانوَ آهي سڄو ئي لُڏيو
هاڻ هن آڳ ۾ هي جياپي سندي ڳالهه آهي ٻري،
مَن چوي ٿو ائين، بارشن ۾ پُسي، ڪا ڪجي دل لڳي،
ڪا ڪجي دلبري، چنڊ کي ڳولجي، ننڊ کي رولجي،
خواب نيرا ڪٿي ڳنڍ ڪا کولجي، ڪو پرين ڳولجي،
جنهن جي احساس جي پاڪرن ۾ وڃي آجيان ڪا ڪجي،
درد جي رنگ کي، آس جي انگ کي، ماڻ جي چنگ کي،
اُن جي ساهن جي سرهاڻ سان چورجي، روح کي گهورجي،
عاشقي ڳولجي، شاعري ڳولجي، روشني ڳولجي،
زندگي ڳولجي، زندگي ڳولجي، زندگي ڳولجي!

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پُورب جي هوا احوال ٻُڌا!

هُوءَ ساهيڙين جي جوڙي ۾،
جَڻ مدهوشي منهوڙي ۾،
ڇڻڪار ڇيٽي تِي ٿهڪن جي،
رڻ آهي، پاڙي اوڙي ۾!
هو جنهن جا ناسي نيڻ صفا،
هُو جنهن جا ڪارا وار وڏا،
اُن ڏاتياڻي جا حال ٻُڌا،
پُورب جي هوا احوال ٻُڌا!

—

جنهن شوخيءَ سان ماحول منديو
جنهن پيشاني تي گهنڊ وڌا،
جنهن پاڇن کي مدهوش ڪَيو
جنهن جهرڪين آڏو جُهنڊ وڌا،
جنهن وانگر ناهي ڪاٻ گهڻا،
هي جنهن جي آ هر پار ڪٿا!
اُنَ ڏاتياڻي جا حال ٻُڌا،
پُورب جي هوا احوال ٻُڌا!

—

هُو پوڙهو چنڊ پُڪارون آ،
هُوءَ چا تِي چئي تنهائي کي؟
هُن پيلو جوڙو پاتو ڇا؟
جو موهي تو رڻ ڇائِي کي!
هُوءَ جنهن کي موهيڙا هلڪا،
هُوءَ جنهن جي آهي چال جُدا،
اُن ڏاتياڻي جا حال ٻُڌا،
پورب جي هوا احوال ٻُڌا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## هي سڌ وراڻي آ ساڳي

اي سنڌ ڪهاڻي آ ساڳي!
تُون مان نہ الڳ آهيون ماتا،
هي سَڌُ وراڻي آ ساڳي،
تُون مون ۾ مان تو ۾ آهيان،
اي سنڌ ڪهاڻي آ ساڳي،
تُون مُنهنجي آهين جاڳ نئين،
مان تُنهنجي توري مٽي هان،
تو مون ۾ آهيَ عشق رکيو
مان تُنهنجي ڳهوري مٽي هان،
جا هاڻ ميائي آ ساڳي،
اي سنڌ ڪهاڻي آ ساڳي!
ڪنهن باغيچن کي باهہ ڏني،
ڪنهن گيتن تي پنجوڙ وڌا،
ڪنهن چانڊوڪي کي زهر ڏنو
ڪنهن ويساهن تي نوڙ وڌا،
تو پوڄيو درد عذابن جو
مون اوڙيو درد گلابن جو
هي ننڍُ اُڏائي آ ساڳي،
اي سنڌ ڪهاڻي آ ساڳي،
جي توتي ڪوئي ڪرت هليو
جڻ مُنهنجو آهي هانوَ ڪپيو
جي تُنهنجو آهي شهر ٻريو
جڻ مُنهنجو آهي عشق سڙيو
هي سوچ ڏنگاڻي آ ساڳي،
مهڪار لُٽاڻي آ ساڳي!
اي سنڌ ڪهاڻي آ ساڳي!
تون مان نہ الڳ آهيون ماتا،
هي سڌ وراڻي آ ساڳي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## چنڊُ ڪڏهن مرندو نا ھي!

تُون سمجھين تو ھُو شخص مُئو!
بس رابيلن جو رقص مُئو!
آزاد ھوا جي ڳالھہ وئي،
اونداھي اندر ڪو عڪس مُئو!
تُون سمجھين تو بس نيڻ سُتا،
آواز ھليو ويو ڪاھي ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بس خيال پکين جا پير هُيا.
وئي ڏوڙ کٽي ڪنهن ساهي. ۾!
تُون سمجهين تو بس ماڪ هُيا.
جي خُواب ڏنا هُن جاڳن ۾.
جي مقتل ۾ هُن پير ڪنيا.
سي ڪِرڙ هُئا بس ماڳن ۾!
تُون سمجهين تو ڪو شور مُئو.
جو لهرين جي للڪار هُيو
تُون سمجهين تو سو مور مُئو.
جو صحرا جي مهڪار هُيو.
او پاڳل، مُوڙها، اڻ واقف.
تُون ڇا ڄاڻين هُو ڇا نه هُيو
هُو ديسن جو درمان هُيو
هُو جوين جو اعلان هُيو
هُو جهورين جو ارمان هُيو
هُو مظلومن جي تات هُيو
هُو بي خوفي جي لات هُيو
هُو ڳاڙهي رَت جو مَنڊُ هُيو
هُو آزاديءَ جو چَنڊُ هُيو
اي اڻ ڄاڻو اي بي سمجُهه
تُون سمجهين تو سو چنڊ مُئو
تون نڪري آ، اِن دوکي مان.
ءِ سمجهي ڇڏ هي عشقن جو
ڪو سج ڪڏهن لهندو ناهي!
ڪو چَنڊ ڪڏهن مرندو ناهي!!

٭

يہ مزاحمتي فلسطيني اڳواڻ ياسر عرفات جي موت تي لکيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soomhsindhiadab

## دُک جو ھيل نہ ڪاتو آ!

ڪا رات وڃائي راھُن ۾،
ڪو ڏينھُن کُٽائي رستن تي،
بي فيض اُجايل موتياسين،
سڀ خُواب لُٽائي رستن تي!
دُورين جا جنازا ھڪ پاسي،
۽ ياد جا ڪاوا ٻي پاسي،
احساس اندر ۾ اُجڙي ويا،
خود دل نہ رھي پنھنجي پاسي!
ھر آس ٽُٽي ٻي منزل تي،
ھُوءَ من جي مٺي تِي نہ سگھي،
ويو پيار سمورو صحرا تِي،
ھُوءَ من جي گھٽي تِي نہ سگھي!
جيئن اُجرو چمڪو ڦُلڙي جو
تيئن ياد رھي آ دل ۾ ڪا،
بس رات وسي تِي نيڻن ۾،
ھر موسم پنھنجي پن ڇڻ آ،
ٻي واس اُجھاميل شامون ھن،
ھر سپنو سُڃ ۾ ڦاٽو آ،
ڇا ڏسجي دل جي موسم ڪا،
ھِن دُک جو ھيل نہ ڪاتو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجا عشق بغاوت يارو!

ڪونہ سفر ۾ ساهيون ايندون،
رستن ۾ سؤ ڪاهيون ايندون،
چؤراهن تي باهيون ايندون،
منصورن کي ڦاهيون ايندون،
پر پڇتاءُ اچي، ناممڪن!
دل کي گهاءُ جهلي، ناممڪن!

پنهنجا درد صداقت يارو
پنهنجا خواب نزاڪت يارو
پنهنجا پنڌ بہ راحت يارو
پنهنجا عشق بغاوت يارو
ڪوسو واءُ پلي، ناممڪن!
دل کي گهاءُ جهلي، ناممڪن!

ڳاڙها گهوٽ پُڇائون ٿيندا،
ڪي اٽموٽ صدائون ٿيندا،
تُنهنجا ڪوٽ خزائون ٿيندا،
سارا اوٽ هوائون ٿيندا،
رَت جو تاءُ لَهي، ناممڪن!
دل کي گهاءُ جهلي، ناممڪن!

لاشن وانگي ڇا لئہ گهاريون!
ڇو نہ هوا ۾ ڏيئا ٻاريون،
طوفانن ۾ ٻيڙيون تاريون،
باغن تان هي پن ڇڻ ٽاريون،
پوءِ انياءُ بچي، ناممڪن!
دل کي گهاءُ جهلي، ناممڪن!

soorhisindhiadab


Scanned with CamScanner

# لِکون پنهنجي تاريخ!

ڪَنڌن کي لتاڙي وڌو قاتلن سان،
ڳلن کي پُڪاري ڪٽو قاتلن سان،
گهٽي ماٺَ تي آ، اُٿو حوصلن سان،
اچو جنگ جوٽيون، نئين ولولن سان،
نئين موسمن جي، نئين قاتلن سان،
اچو پاڻ اَٽڪون نئين فيصلن سان،
مٿان رات ڪاري وجي روح ٻاري،
ٻڌو ٻول ٻيهر اباڻن ڪکن سان،
سڙيل چادرن ۾ پراڻن پکن سان،
وڌو قهر تيو آ ڦُلين ۾ نکن سان،
اچو هِن حرامين کي کِهلي گهٽين ۾،
لکون پنهنجي تاريخ پنهنجن هٿن سان،
مٿان جو سياڻي چوي سنڌ سُڌڪي،
تماشائي مُنهنجو تيو خُون گهوڙا!
تماشائي مُنهنجو هُيو خون گهوڙا!
ٻَريو ڪونہ گهوڙا، وڙهيو ڪونہ گهوڙا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# امن جو ڪنڌ ئي ناهي!

جنوني دؤر ۾ يارو
وڇوڙا ويا وڌي آهن،
ڪٿي جڻ تاڪُ ئي ناهي،
۽ ڳوڙها ويا وڌي آهن!
پنهوارن جي دلين ۾ پُڻ،
وهم جون موسمون آهن،
اُڃايل ڳوٺُ پنهنجن جون،
شهر ڏي هجرتون آهن،
پُسيءَ جا لال هُو ڳلڙا،
ٻُڌن پيا رات جا راڙا،
رڳو پيون اجرڪون چرڪن،
رڳو هن درد جا ڏاڙا،
وطن جي جسم تي هاٺي،
اَمن جو ڪنڌُ ئي ناهي!
وڃي ڪوئي طنبورو ڪيئن؟
جڏهن ڪا تندُ ئي ناهي!
ٻُڌو! پٽر تيون ڇا لئہ؟
ائين ڇيڙو نہ ڪو تيندو!
رڳو جي لاش ئي تياسين،
ڪُفر اهڙو نہ بيو هوندو!
جلايل هن هوائن ۾،
اچو ڪنهن مُشڪ کي آٽيون،
پرهہ جو پهر تِي اُيرون،
اچو نئين عشق کي آٽيون!

## لُٽيل اپريل—

رُسي اپريل جي اڌ ۾،
بهارون ويون لڏي آهن،
نئين پتڪاءُ لئه واٽون،
اکين کي ويون سَڏي آهن.
اسان جا خواب مٽيءَ تي،
اڌورا ويون ڇڏي آهن،
ٻڌون ٿا شام جون مُرڪون،
پُڳيون تنهنجي تڏي آهن.
چون ٿا تو گهرايو آ،
تڏهن موسم اُڏي آهي،
هوا جو سوڳ شاهد آ،
تَکن ۾ دل ٻُڏي آهي،
مُسافر وقت آ ٽوڪُون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذڪرُ جو واءُ تو لوڏي،
اسان جي دل تہ ٻيڙي آ،
اچي ٿي پار تنهنجي ڏي،
نماٽي موھہ جا ماٽا،
لھن ٿا ھانوَ جي ٻَن تي،
لُڏين ٿِي يادگيريون ٿِي،
اسان جي روز تون مَن تي،
ٻڌي جي وڏ ڦُٽي جھڙو
رکيو آ تو مزاجن کي،
وصالن کي ڪفن اوڍي،
وڏايو ٿئي وڇوڙن کي،
تڏھن يي آ قسم تُنهنجو
ڪنيو دل تُنهنجو پاسو آ،
نمُن جي شھر ۾ تُنهنجي،
اچا خُوشبو دلاسو آ،
سڄي دل کي خبر آھي،
اِھي تُنهنجون ادائون ھن،
تڏھن موسم ڇٽي آھي،
تڏھن گم سُم ڏسائون ھن،
لُتيل اپريل جو اڏ ۾،
گسن ۾ پيو جنازو آ،
تڏھن يي تُنهنجي چاھت ۾،
اسان جو چاھہ تازو آ!

# تِي سگهي تو.....!

تِي سگهي تو
هي سرءُ جي سادگي،
درد کي ڇوڙي وجي،
خواب کي روڙي وجي،
پاڻ کي ٻوڙي وجي،
تِي سگهي تو
هي هوا جي بيحسي،
پاڻ کي ڳولي وجي،
جاڻ کي رولي وجي،
۽ پرهه جي هير جهڙو
عشق ڇاڇولي وجي،
تِي سگهي تو
هيءَ ڪتيءَ جي چاندني،
گهاوَ ئي کولي وجي،
۽ ٻٻُر جي تارڙيءَ تي،
ڪو پکي ٻولي وجي،
پر اسان جي دل ڇري،
درد ۾ وچڙي وجي،
تِي سگهي تو مرڪ ڪُومل،
روح کان وڇڙي وجي،
سڀ اسان جا ٺهڪ پاڳل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بارشُون ڇانئي وڃن،
آرسين جون دلُربايون.
بيوفا بڻجي چُڻين،
۽ وڇوڙي جي گِهٽيءَ ۾،
سڀ گلابن جا گهگها،
اجنبي بڻجي ڏسن،
تِي سگهي ٿو، تِي سگهي ٿو،
عشق جي الزام ۾،
پاڻ صحرا ۾ پُڄون،
نيٺ تنها تِي وڃون،
وقت جي ڪنهن واءُ ۾،
درد ڪو بڻجي اُتون،
۽ سموريون موسمون،
پاڻ کي ڇانئي وجهن،
تِي سگهي ٿو
پاڻ کي ٻوڙي وڃن،
پاڻ کي توڙي وڃن،
جو نه ان کان ڪُجھ اڳي،
نيڻ نيڻن سان گَڏي،
عشق ۾ ايڏو لهون،
پيار کو ايڏو ڪيون،
جو جسم ۽ روح ٻيئي،
گيت ڪو بڻجي وڃن!
ميت ڪو بڻجي وڃن!

soomrosindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ٻُڌا ستمگر!

اڙي ستمگر ٻُڌا هي چا لئہ،
ائين نهارون ڇڏيون تو آهن؟
قسم هوا جو ائين لڳي تو
اِهي تراڙون ڇڏيون تو آهن،
ڦَٽي بهارون ڇڏيون تو آهن،
گهٽي گهٽي تي اِهو ٻُڌائي،
هتي نهارون ڇڏيون تو آهن،
هُتي نِهارون ڇڏيون تو آهن،
گُذر اسان جو جتان بہ آهي،
اُتي نهارون ڇڏيون تو آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تَڪن کي آخر ڀڄون ڀ ڪاتي؟
اڙي ستمگر وڄون ڀ ڪاتي؟
ڇَتي نھارون ڇڏيون تو آهن،
نـ چانڊني ۾ سُمهي سگهون ٿا،
نـ بارشن ۾ گهمي سگهون ٿا،
ڏِسائون پيلي ڇڏيون ٿئي جانُم،
نـ شام ويلي رُلي سگهون ٿا،
ٻُڌا، ستمگر وڄون ڀ ڪاتي؟
پرهـ جي پايُل صفا وڏي ٿِي،
بلوري خُوشبو رڳو سڏي ٿي،
ستارا تُنهنجي چُني لڳن ٿا،
صبا مُنجهائي هينئون ڇڏي ٿي،
تَڪن کي تورو ڀڄون ڀ ڪاتي؟
اڙي ستمگر وڄون ڀ ڪاتي؟
ٻَرن ۾ تُنهنجي نھار آهي،
ڏَرن ۾ تُنهنجي نھار آهي،
پَرن ۾ آهي لقاءِ ساڳين
سَرن ۾ تنهنجي نھار آهي،
اڙي ستمگر وڄون ڀ ڪاتي؟
رُڳو نھارون ڇڏيون تو آهن،
رکيون نھارون وڏيون تو آهن،
گسن پنڌن ۾ وڄون ٿا ڦاسي،
ائين پکيڙيون اَڏيون تو آهَن،
اڙي ستمگر نـ آر ڪر تُون،
هتاءِ پنهنجون اِهي نھارون،
اسان تي "تورو" اُڌار ڪر تُون!


Scanned with CamScanner

## توکان سوا.....!

رات توکان سوا، ڏينهُن توکان سوا،
دوزخن جو سَفر نينهُن توکان سَوا،
جڻ هتوڙو پرين، هي وڇوڙو پرين،
ڳوڙهو ڳوڙهو پرين، مينهُن توکان سوا،
سانوري بانوري ڇيڳري ڇوڪري،
تُنهنجون مُرڪون لِڪل هن نقابن اندر
ناهي خُوشبو ڦُٽي ڪا گلابن اندر
خواب آهن رُليا جاڳ آهي جلي،
روح آهي ٻريو هن عذابن اندر
ڇا بهارن، سَرءُ جي ڪجي ڳالهه ڪا،
ڇا چوان هي سيارو سڄو ئي پرين،
دل گذاريو الله ڪيئن توکان سوا،
دوزخن جو سفر نينهن توکان سَوا!
ناهي مُرڪڻ جو ڪوئي بهانو رهيو
هاڻ شيشن جو آهي نشانو رهيو
تنهنجي ساهن جي نينڊُن کان پرتي مني،
دل ۾ سوڳن جو آهي زمانو رهيو
جيئن سانجهي جو پهريون ستارو ٻري،
جيئن آرهڙ ۾ سنڌوءَ ڪنارو ٻري،
جيئن مڪلي جي ڪتبن کي بارش چُمي،
جيئن وينگس جو سپنو ڪُنوارو ٻري،
روح آهي ٻريو تيئن توکان سوا،
رات توکان سوا، ڏينهن توکان سَوا،
دوزخن جو سَفر نينهن توکان سَوا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پُور ڪُنوارو

رات ڪُنواري، سُور ڪُنوارو
هاءِ! پرين جو پُور ڪُنوارو!

دل جي موسم، آلي آلي،
واتُ بہ هرڪا خالي خالي،
بارش بڻجي ڪو نہ اچي تو
پاڳل وانگي وقت نچي تو
پُوري خُوشبو رقص ڪري ٿي،
منَ ڪي پاڪر منجھ پري ٿِي،
پوءِ بہ انوکا ونگ هَٽي تو

soonhsindhiadab


Scanned with CamScanner

ڪاريھر تِي ڏنگ هٽي تو
چانڊوڪيءَ جو نُور ڪُنوارو
هاءِ! پرين جو پُور ڪُنوارو!

ڪاڏي ويجهي؟ ڪو نہ پتو آ،
ڪنهن کي سَڏجي؟ سو نہ پتو آ،
چنگ وڳو آ. درد کُتو آ.
خاموشيءَ ۾ شهر سُتو آ.
هاءِ، ڪهڙي ڳالهہ ڪجي ڪا؟
ويهي دل جو حال ڪجي ڇا،
مهڪائي هر گهاءُ چڙي تو
تنهائي ۾ ياد پوي تو
هُن جو هرڪو گهور ڪُنوارو
هاءِ! پرين جو پُور ڪُنوارو!

ڇا تہ اجايل هُر گُر آهي،
ڇُوڙين جي ڪا ڇُر پُر ناهي،
ڪونہ مجي تو ڪونہ مجي تو
مَن ۾ لهندو ڏُور وڃي تو
ڪوبہ نہ ڄاڻي ڪوبہ نہ ڄاڻي،
ڪنهن جي ڪارڻ چوٽ چڻي تو؟
دل کي پر ڪو ڏڪ هٽي تو
هاءِ! نِمَن جو ٻُور ڪُنوارو!
هاءِ پرينءَ جو پُور ڪُنوارو!

## خواب ڳوليندا رهيا!

شهر ۾ هُٺاسين ٻئي،
پر وچان ڏوري هُئي،
آس اٽپوري هُئي،
ڦهر ۾ هُٺاسين ٻَئي،
چنڊ جي ڇهري منجهان،
چاندني وسندي رهي،
زندگي گسندي رهي،
ڪونہ سگهياسين ڇَئي،
ڪوبہ سانجهي جو قصو
ڪوبہ آڌيءَ جو حصو
پاڻ پنهنجي پيار کي،
ڪونہ سگهياسين ڏئي،

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يادگيريءَ جون اکيون،
پاڻ کي ڏسنديون رهيون،
روز رستن جي مٿي،
پاڻ ڏي ايندي رهي،
درد جون کيئي ڳُتون،
روح ۾ لهنديون رهيون،
دلبريون ڍهنديون رهيون،
رات جو اڪثر سُتي،
درد ٻوليندا رهيا،
پاڻ کي پنهنجا ڏئل،
خواب ڳوليندا رهيا!
وقت جا پيرا پرين،
حادثا ٽيندا رهيا،
واءُ جي آواز تي،
وهم ويڙهيندا رهيا!
رول هِن راهن مٿي،
پن هِن ڏاڍا رُليا،
منزلن جي آس ۾،
مَن هن ڏاڍا رُليا،
دل تہ آ چاهيو گھڻو
پوءِ بہ هن رستن مٿي،
ڪونہ سَگهياسين ملي،
هڪٻئي کي حال ڪي،
ڪونہ سگهياسين ڏئي،
شهر ۾ هُٺاسين ٻئي،
پر وچان دُوري هُئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

soorihsindhiadab

## موسم نيت بدلثي آ!

جو آيو عشق اوطاري تي،
تنهن جاتو سارو قصو آ.
تنهن سمجهو آهي سانجهي ۾،
هي درد اسان جو حصو آ.
سو جڻ ته نڪورو ناول آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو پنھنجو روح وچائي تو،
سو ھر صدمي ۾ شامل آ.
سو ٻولي آھي پاڇي جي،
چڻ ھولي آھي ڪاچي جي،
سو پوپٽ جو آواز بہ آ،
ڪنھن رڻ پٽ جو آغاز بہ آ.
جو آيو حُسن اشاري تي،
تنھن سمجھو آ، تنھن ڄاتو آ.
ھر رستي ۾ ڪو آتو آ،
ھر سھڪي ڪي ڪا معنيٰ آ،
ھَر ٻُٽڪي سان ڪو ناتو آ.
تنھن بيھي سمنڊ ڪناري تي،
ھِي سمجھو آ، ھِي ڄاتو آ،
ھِي سمنڊ اکين جو ساٿي آ،
ھِي دريا دل جو جاني آ،
ھِي صحرا پنھنجو سنگتي آ،
ھِي نينھن نہ ڪا ناداني آ،
پن چڻ تہ رڳو ھڪ موسم آ،
جا اچڻي آ، ۽ وڃڻي آ،
ھِي درد ڳجھارت ھڪڙي آ،
سا، ھر ڪنھن دل کي پڇڻي آ،
مايوس اجايو ڇو رھجي؟
ھِي موسم نيٺ بدلڻي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مهڪيا گُلاب نه هُن!

هڪ شهر تُنهنجو ظالم،
بي پنهنجي هيڪلائي،
دل ۾ ڇُپيي رهي آ،
بي رنگ هي جُدائي،
نه پهر ڪو ڦُلاريل،
نه ٿهڪ ڪو اُڏاريل،
بي ماڳ منزلون هن،
دل کي خبر نه ڪائي،
هي پنهنجي هيڪلائي،
بہ نيڻ تُنهنجا آهن،
ڪنهن باک جو سنيهو
جيڪو شباب جهڙو
هن اذيتن جي رڻ ۾،
تون شاهہ جي ڪا وائي،

soorhisindhiadab

جيڪا اکين آ ڳائي،
پر پيار جو سنيهو
اڄ سوڳوار آهي،
پنهنجي اکين ڪان پرتي،
گذري بهار آهي!
واتون اُداس آهن،
تُنهنجو پتو نہ آهي،
بي خواب آسرن ۾،
مهڪيا گلاب ناهن،
جيڏي اُداسي آهي،
تيڏا عذاب آهن،
ڪنهن خواب جي ڪپرتي،
ڪجهہ پير پنهنجا آهن،
جن تي اُپيون اڃان ڪي،
ڪجهہ ياد جون خزائون،
ڪجهہ ماتمي هوائون،
هِي بيخيال موسم،
بي رنگ تِي وري آ،
هر يادگيري پاڳل،
ڪا باھہ تِي پري آ،
ڪا چاھہ جي چريائي،
تا نيڻ هاڻي چاهن،
ڪو ٿهڪ بارشن جو
ڪا چنڊ جي سُهائي،
پر واٽ تي اُيي آ،
هِي پنهنجي هيڪلائي!

## ضرورت آ....!

پرين ھن زرد موسم ۾،
لڳي ٿو چو الائي سو
ستارا سوچ ۾ آھن،
پرھ جو پاند آلو آ.
نظارا لوچ ۾ آھن،
الاءِ ڪنھن جي نيڻن جي،
اشارا ڪوچ ۾ آھن،
اُداسي آ پٿر جھڙي،
ڪنارن تي سپون روئن،
نہ ڪو ڏيئو ڪٿي ٽِمڪي،

soomrosindhiadab


Scanned with CamScanner

ويچارن ۾ پٿون آهن.
غضب جي ماٺ آ ساڳي،
گهٽين ۾ ٻاٺ. آ ساڳي،
انڌيرو هاڻ تو ڪوري،
غمن جي چاٺ آ ساڳي،
قسم اُجري نهارن جو
پرين هن پنڌ ميري ۾،
ذلالت جي تہ گهيري ۾،
قسم ڪوري اشارن جو
گلابي ڪن سوين جي،
ضرورت آ، ضرورت آ،
اگي ڪان پي گهٽي هاٺي،
گهٽين ۾ ڪوڙ چيرن جي،
ضرورت آ، ضرورت آ،
چون ٿا رنگ شامُن جا،
چون ٿا انگ لامُن جا،
قسم آ زلف ڪارن جو
هوا جي روح آتي ڪي،
ٻنهہ تازي گلابن جي،
ضرورت آ، ضرورت آ،
متي پنهنجي ڪي او ڊوليا،
ڪُنواري انقلابن جي،
ضرورت آ، ضرورت آ،
قسم سانجهي ستارن جو
ضرورت آ، ضرورت آ!

(سينٽرل جيل حيدرآباد 2001ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ذلالتن جا اُگھاڙا منظر!

اُهي ئي ساڳيا ايام پاگل،
اُهي ئي ساڳيون فريب راتيون،
اُهي ئي ساڳيا زنجير پاتل،
اُهي ئي ساڳيون اسان تي ڪاتيون،
اُهي ئي ساڳيا غليظ مقتل،

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُهي ئي ساڳيون ويساهہ گهاتيون!
غلاظتن جي اُگهاڙي موسم،
گهٽي گهٽي بدحواس ساڳي،
ڏسون ٿا ڇوڙا سڳيون لتاڙيل،
حياتي آ بي لباس ساڳي،
هوا جي سر تي چُني بہ ناهي،
اُداس آهَي سموري مٽي،
گسن تي رونِدڙ پُراڻا پَيرا،
بيواهہ جهڙي چاندوڪي ڇٽي،
اُيار چاتين سندا ڪُنوارا،
اجا بہ آهن ائين ئي سهڪيل،
محبوب مدهوش زلف ڪارا،
اجا بہ آهن ائين ئي هيسيل،
پُني پُني ۾ سنگين ڪوڙيل،
ڪَلي ڪَلي جو بدن مروڙيل،
ذلالتن جا اگهاڙا منظر،
ڏسي اکين ۾ لهو اچي ٿو
وجود تاندن مٿان ڪري ٿو
عجيب غم جو جهان آهي،
گُلاب جهڙي هي سنڌ ماتا،
سُڳنڌ سواءِ حيران آهي،
لڳي ٿو ڪوئي شمشان آهي!

(سينٽرل جيل حيدرآباد 2001ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## خُوشبو ڪاڏي ڦاھي آ!

دستور اِھو آ جنمن ڪان،
ڪا ريت نئين ھِي ناھي ڙي،
جا مُڪڙي تِي ھٿ ڳات ڪٽي،
تِي وحشت اُن ڏي ڪاھي ڙي!
تاريخ اُنھيءَ جي شاھد آ،
ھر سچائي سان پيار ڪرڻ،

soorinsindhiadab

. آ. ڏوهه رهيو هن مٽي تي،
جنهن جاءِ ڇٽي آ چانڊوڪي،
ڪئي ڪاهه وئي تنهن ڳهٽي تي،
ڪجهه وحشي جبري تالن لئه.
آ. ساڙيو خُوب جُنون هتي،
هن پاڳلپڻ جي پن ڇڻ ۾،
هَر بار وهيو آ خُون هتي،
ڪن عشقن تي ڪِن چيڙن کي،
الزاَم هٽي آ تاٽيو ويو
هر جذبي کي آ چاٽيو ويو
زندان جي ڪاري پاڇي ۾،
هر بار پُڳي سچائي آ.
هن پاڳل مُورک رستي ۾،
هر خُوشبو ڪاڏي ڦاهي آ.
هر دؤر جو آهي درد اِهو
آ. سُرت اُڏامي رستن تان،
چاهت آ اُجهامي رستن تان،
هڪ دلدل آهي دوکي جو
جيڪو تو اُجاڙي سوچن کي،
هر روز لتاڙي جذبن کي،
پر پوءِ بہ اجا هر سچائي،
ناهي ڪا قبولي اونداهي،
جيلن کان هلي ڪنهن ڦاهي تي،
جيڪو بہ وڃي تو رستو هي،
سو وحشت کي ڪا لعنتَ آ.
هر پڙوت کي جڙ پُونڊو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فيصلو ڪو ڪيون!

روز خانہ بدوشن جا چهرا پڙهي،
هاڻ ۾ تِي وجي ڪائي ڪاتي ڪُپي،
جن جي اُجڙيل حياتين جو پرکي قصو
دل اسان جي سڄڻ آهي جاتو اِهو.
ديس پنهنجي جي متي وڏي ڳالهہ آ،
جنهن ۾ خُوشبو تِي لوَڏي بدن کي هلي،
دلربا جي سا گِهٽي وڏي ڳالهہ آ،
پوءِ بہ ڪيڏي اسان ننڊ ۾ آهيون،
جو نہ ڪجهہ پيو اسان کي تو محسوس ٿي،
پنهنجي ڌرتي پئي پيرن جي هيٺان وڃي،
پوءِ بہ يارو اسان هوش ۾ ناهيون،
شال ڪنهن موڙ تي درد جي نوڙ تي،
هاڻ سوچي اسان فيصلو ڪو ڪيون،
پاڻ پنهنجي عذابن جو ڦندو اِهو
پنهنجي ڪنڌن منجهان هيٺ اُڇلي اُتون،
جيڪو پنهنجي شهيدن جي نيڻن ڏِٺو
پاڻ اُن خواب جي شال تعبير ڪي،
هاڻ ساپيا ڏيون، هاڻ ماٽي سگهون،
دلڪشي جي نئين بانوري چانڊ ۾،
پيار ويهي ڪيون، گيت ويهي لِکون،
شال سوچي اهو هاڻ جاڳي پئون،
هاڻ جاڳي پئون، پاڻ جاڳي پئون!!

(سينٽرل جيل حيدرآباد 2001ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خزان جي ننگي نينگر!

خزان جي چرڪيل اُگھاڙي ڇاتي،
صحرا جي شامن جيان لڳي ٿي،
اُتن تا اڪثر عجيب اُدما!
نہ دلبريءَ جا گلاب مھڪيل،
نہ آرسي جيئن حجاب مھڪيل،
ستم جا آهن صليبُ اٽڪيل،
ڪجي ڪجي ڇا اُداس غم آ.
وڇوڙو ظالم وڏو صنم آ.
ٻٽي ويا هن نصيب اُدما!
ڪا ياد تُنھنجي پرين اچي ٿي،
هوا ۾ جُھومي وري نچي ٿي،
ڇٽيل پنن جي نماڻي خُوشبو
اُتن تا پيھر غريب اُدما!
ستارا جاڳي تَڪي پون ٿا،
ڪنارا تڪجي سُمھي پون ٿا،
خزان ۾ غم جو بدن ڪِلي تو
نہ ڪوبہ ويجھو صنم ملي تو
ڇِڪن تا توڙي وري بہ اُدما!
ڪِجي ڪجي ڇا اُداس رُت آ،
خزان جي ننگي نھاري نينگر،
اُتن تا اڪثر عجيب اُدما!
ٿين تا ڏاڍا قريب اُدما!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وايون/گيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برساتين ۾ هيلُ،

ڪوڪو نَڪُ ۾ پائجان!

ڪُومايل هِي ڪاسبُو، وسندو ترَ جي ڏيلُ!

ڪوڪو نَڪُ ۾ پائجان!

ڦُٽي پوندا سنڌ جي، راھُن ۾ رابيل،

ڪوڪو نَڪُ ۾ پائجان!

ٻوليندا چارين متان، پنڇي پوئين ويلُ،

ڪوڪو نَڪُ ۾ پائجان!

ٻَڪجي ٻاڪر ۾ پرين، تيٽا آھن ميلُ،

ڪوڪو نَڪُ ۾ پائجان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيڏيون ڪُنواريون، آڏين اُتاريون،
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!
ڏرتيءَ جهڙيون ساعتون، تڙپن تاساريون!
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!
سُڏڪيون آهن سانجهه ۾، ويهي وٽجاريُون،
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!
ڪٽڪ لُٽيندي ڪامڻين، پوتِيُون اُڏاريون،
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!
پِهر تتل ۾ چانورو، تُنهنجون پوئواريون،
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!
آءُ تہ ڏيون ماڪ سان دل جون بازاريُون،
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!
طوفانن جي رات آ، ڏياٽيون ٻاريُون،
محبُوبيءَ جي نانءُ ۾!

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

گهاگهريون ڏوئي ونوا!
سنڌ پئي ٻارڻ ٽِئي!
پريتمن جي ياڪُرن ۾،
سانوريون روئي ونوا!
سنڌ پئي ٻارڻ ٽِئي!
پَل اگهاڙا پيا اچن تا!
عشق جي لوِئي ونوا!
سنڌ پئي ٻارڻ ٽِئي!
روپلي جيڪو ڪنيو هو !
دڳ اوهان سوئِي ونوا!
سنڌ پئي ٻارڻ ٽِئي!
بس پتائي آ گهٽو ئي،
نانءُ اُن جو ئِي ونوا!
سنڌ پئي ٻارڻ ٽِئي!


Scanned with CamScanner

ڏسُ! وڏي پارا وڃن پيا،
ڇو اچا موتين نٿي تُون؟
چنڊُ اڳي ئي ڪونہ آهي،
هُو رُسي تارا وڃن پيا!
ڇو اچا موتين نٿي تُون؟
رڻ ڇِڇيءَ جي پار ڏي ڏس،
اڄ ڪڪر ڪارا وڃن پيا،
ڇو اچا موتين نٿي تُون؟
ڪنهن نہ روڪيو آ تڏهن هُو
نيٺ وڻجارا وڃن پيا!
ڇو اچا موتين نٿي تُون؟
وقت کي ڪو هوش ناهي،
ٿهڪ دل وارا وڃن پيا،
ڇو اچا موتين نٿي تُون؟

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

چڙ‌ي ‌ سارو ‌ ھَٽُ،
چنڊُ لَهي پيو ماٺُ ٻرا!
اريي خُوشبو پئي ھوا،
چاتي ‌ کولي ‌ وَٽُ،
چنڊُ لَهي پيو ماٺُ ٻرا!
پنهنجا جيون جهوپڙا،
پنهنجا ‌ کهڙا ‌ ٺَٽُ؟
چنڊُ لَهي پيو ماٺُ ٻرا!
سپرين تُنهنجي سار جا،
تن ‌ ۾ ‌ ٻرن ‌ ٻَٽُ!
چنڊُ لَهي پيو ماٺُ ..!

سنڌ پئي ساري سڙي،
چو چپن تي ماٺ آ؟
ھر گلابي ڳل مٿان،
پيو اچا ڳوڙھو ڳڙي!
چو چپن تي ماٺ آ؟
وحشتن جو واءُ جُھوتو،
پيو گلابن کي تڙي،
چو چپن تي ماٺ آ؟
ڪو پکي موتيو نہ آ!
سانجھہ پئي سُر تي لَڙي!
چو چپن تي ماٺ آ؟
پيو اچي طوفان ڪو،
ھر ٻَڏايو آ چَڙي!
چو چپن تي ماٺ آ؟
پاڻ کي ميڙي اُٿو،
آ، چيو موئن دڙي!
چو چپن تي ماٺ آ؟

Soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

جانُم! هينئن هر وار وچائي تڪرار

چو ٿِي قهرُ ڪرين پيلا؟

پنهنجي ذڪرڻ واءُ ۾ پکيڙي مهڪار

چو ٿِي قهرُ ڪرين پيلا؟

اجا سِجُ لَٿو نہ آ، ويٺي پنهنجا وار

چو ٿِي قهرُ ڪرين پيلا؟

اُماٽي هر رات جو سِنڌوءَ جهڙي سار

چو ٿِي قهرُ ڪرين پيلا؟

مون کي پنهنجو پاڻ کان ايڏو ڪري ڌار!

چو ٿِي قهرَ ڪرين پيلا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيسين تائين ڪو،
تُنھنجو اوسيئڙو ڪري؟

پتر ڇِڻي ويندِيون اکيون،
لڳي ائين ٿو!
تُنھنجو اوسيئڙو ڪري؟

مٽي مَهڪي آ پئي،
بَارش ۾ رستو!
تُنھنجو اوسيئڙو ڪري!

آهي اڄ ٻه اُتاولو
جوڀن جو جلوو
تُنھنجو اوسيئڙو ڪري؟

سپنا، سُڏڪا تا پَرن،
خبر ناهي ڇو؟
تُنھنجو اوسيئڙو ڪري؟

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شام جو رستو وني،
ڪو وڃي تو شهر ڏي۔
تو ڪڏي پاڪر چڙيا،
هُو ڪچو رستو وني،
ڪو وڃي تو شهر ڏي۔
ڏُنڌ آهي چؤطرف،
پر يڪو رستو وني،
ڪو وڃي تو شهر ڏي۔
ڳوٺُ جون ڳالهيون ڪٽي،
اڄ ڏکو رستو وني،
ڪو وڃي تو شهر ڏي۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوچي ٿي هوءِ، ساڻوڻ آهي،
مَن تي ڪو جڻ ڏاڻوڻ آهي،
ٽالهي تي پئي ڪويل ڳائي،
ڪير پرائِي پايُل پائي!

دل جا ڏک اُڏاڻا ناهن،
غم جا چڪ پُراڻا آهن،
خاموشي پئي گهور وڃائي،
ڪير پرائي پايَل پائي!

هٿ ۾ آهي هُن جو چلڙو
پو چو آهي ٿڻ ٺيڪلڙو؟
هينئُر چِڳَنُ ڪي ٿي ٽڙپائي،
ڪير پرائي پايُل پائي!

سارا ڪرڙ ڪڪوريا آهن،
هُن تان تارا گهوريا آهن،
هُن آڏو تو بُت شرمائي،
ڪير پرائي پايُل پائي!

نسي خاڪ جواني پنهنجي،
چٽندڙ ماڪ جواني پنهنجي،
ننڊُ وڃائي، مَن اٽڪائي!
ڪير پرائي پايَل پائي!

ڪير اُن ڪي جهلي!
ڪير اُن ڪي پلي؟
عشق مُنهنجي اکين ۾ اُڏيو تہ اچي!
وار هُن جا اُڏي تہ
لوڏ مخمور تي سونا جُهومڪ لُڏن،
ٽهڪ هُن جو اُفق تي چِميو تہ اچي،
عشق مُنهنجي اکين ۾ اُڏيو تہ اچي،
ڪو نہ پَل جو پتو!
ڪا نہ گل جي خبر، ڪو نہ وَل جو پتو!
خيال هُن جو سَپنن ڪي ٽُڏيو تہ اچي،
عشق مُنهنجي اکين ۾ اُڏيو تہ اچي!
هُوءَ تي رمجهم لڳي!
چانڊنيءَ ۾ گلن جي تي موسم لڳي،
واس هُن جو هوا ۾ ڪُڏيو تہ اچي!
عشق مُنهنجي اکين ۾ اُڏيو تہ اچي!
ڪير اُن ڪي جهلي؟
ڪير اُن ڪي پلي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لمحو ڪو انمول نہ آيو
دل ڏي دل جو ڍول نہ آيو!

تاندن جهڙي ڏرتيءَ ساري،
تيز هوا تي اُڏري واري،
هڪ بہ بادل رول نہ آيو
دل ڏي دل جو ڍول نہ آيو!

روهيڙن جا رنگ اُڏاڻا،
ڇوڙيلين جا چهرا ساڻا،
ٻاٻيهي جو ٻول نہ آيو!
دل ڏي دل جو ڍول نہ آيو!

موتيو هرڪو پنهنجي پاڙي ۾،
نظرون موتيون رستا تاڙي،
هر هنڌ هو ڇوٻول نہ آيو!
دل ڏي دل جو ڍول نہ آيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## ٿريءَ نـاريءَ جو گيت

گهوريان تي واچوڙن کي،
تُون پيو ڏور گذارين تو!

مُون هن کيڏا توهر ڳوليا،
هاءِ! ڪيڏي هُر ڪُر ڍوليا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هينل سڳيءَ جي جُهوڙن کي،
گهوريان تِي واچوڙن کي،
تُون پيو ڏور گذارين ٿو!

وکريل چوٽا ڇا مهڪايان!
ڇا سمجهايان ڪيئن سُلجهايان.
خالي خيالن ڪُوڙن کي،
گهوريان تِي واچوڙن کي!
تُون پيو ڏور گذارين ٿو!

اهڙو وقت ڳرو ڪو آيو
ناهي چين ذرو ڪو آيو
چانڊوڪيءَ ۾ چُوڙن کي،
گهوريان تِي واچوڙن کي،
تُون پيو ڏور گذارين ٿو!

سارو ڳوٺ ٺريو پيو آهي،
ڀُت ۾ سوڳ ڀريو پيو آهي،
ڪيئن ڳايان راسُوڙن کي؟
گهوريان تِي واچوڙن کي،
تُون پيو ڏور گذارين ٿو!

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چؤسٹا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(1)

ڪٽي پوپٽن جا جنازا ھٿن تي،
اُتي ويا مسافر ڇڏي ياڪرن کي،
ھوائن ۾ آھي شھيدن جي خُوشبو
پرين اڄ اسان جي پُڇا ڪي ڇڏي ٿي!

(2)

ياٽياري جي وکُن جو آ قسم!
عشق آھي درد جي آتم ڪٿا،
تو اکين تي آ اکيو پائي رکيو
ھاڻ تنھنجي ڳوٺ ۾ ڇاھي يلا؟

(3)

توسان موھ سجايو ھو
پنھنجو ڏوھ سجايو ھو
دل جي ڪارڻ پاتوسين،
ھٿ ۾ لوھ سجايو ھو!

(4)

وساري وينين ڪکن جي خُوشبو
پُڪاري توکي پکن جي خُوشبو
الا! سموري لَڪي ڇڏي آ،
ٽڪي جي ماڻھن لکن جي خوشبو!

soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

(5)

رات تيندي ئي ڏيئو وسائي سُتي،
پاڻ ۾ پيار جيڪا لِڪائي سُتي،
ڳوٺ تيندو صُبح جو سڄو آگريون،
پير پنهنجا نہ آهي ڦِٽائي سُتي!

(6)

هُوءَ سامهون سُتي پئي آهي،
ماٺ بيٺي تڪي نظاري ۾،
وار ڇاتي مٿان پيا آهن،
هڪڙو ڏيئو ٻري پيو جاري ۾!

(7)

خودڪشيءَ ڪان حسين سؤ ڀيرا،
هرڪو سپنو شهيد ماڻهوءَ جو
جنهن کي سمجهي نٿو سگهي ڪڏهن،
ڪوبہ جذبو يزيد ماڻهوءَ جو.

(8)

چنڊُ جنهن کي زبان ئي ناهي!
شاعري ۾ اڇي لِڪو آهي،
تنهن کي ڪهڙي خبر زماني جي،
جيڪو ڪارپ سَندو تِڪو آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(9)

پيهي جا منتي اکين ۾ پٽي آهي،
پٿهن ۾ پيرن جي خوشبو آ باقي،
پيرن جيڪي پکڙا نہ منزل تي،
بڻن جي پيرن بجي خوشبو آ باقي!

(10)

مظلوم رات ڀرڪاٽ، بي شرم ڏينهن ناهن،
سوچن ۾ غداري، نينن ۾ نينهن ناهن،
توکي ٻجي ناهي اڄ تو چوڻي ٻهانا ناهين؟
ايڏي هوا نہ ناهي، ايڏا بہ مينهن ناهن!

(11)

دل ۾ تنهنجي نچاهت آهي،
راحت، راحت، راحت آهي،
تو ۾ عشق وفائون، سنڌڙي،
توکي وڪئون! لعنت آهي!

(12)

عاشقين جا معجزا ڏسجن وري،
روشنين سان رابطا رکجن وري،
پاڻ کي ٿڻين آزمائش ۾ وجهي،
ڇيڪرين سان واسطا رکجن وري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(13)

غدّاريءَ جي لاٽي پيلين ۾!
دل ۾ دڙتا ڪي ڏاڙي پيلين ۾
خوشبوءِ ولڦڪو پار ۾ هُئا سلين ۾
پيار اسان جو پاٽي پيلين ۾!

(14)

اُداسي ۾ آلي ڪئي دل اسان ۾
جُهڙالي جُهڙالي ڪئي دل اسان،
رڳو ياد تُنهنجي رکي آ پرين پين ۾
سڀجي باقي خالي ڪئي دل اسان ۾

(15)

جڏهن سُونهن تنهنجي سڏيو بارشن کي
اسان عشق ۾ اربي ڇڏيو بارشن کي
ٻڏي جيڪو تُنهنجي نگاهن مان نڪتو
ڪٿي ڪونه پوءِ سو لڌيو بارشن کي!

(16)

ايڏا سُونهن وارن جا ڪارئل رهياسين،
گلابن جي رُت ۾ بہ بارئل رهياسين،
چڱو ٿيو چڱو ٿيو اهو پڻ چڱو ٿيو
اوهان جي اکين ڪان وساريل رهياسين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(17)

اڄڪلهه ڏينهن اگهاڙا آهن،
پنهنجي دل تي ڏاڙا آهن،
ڪورا ڪورا ساهه ڪڇن ٿا،
خُوشبو خُوشبو پاڙا آهن!

(18)

سانوري تُون تہ آهين نِسورو غضب!
لاڙ تنهنجي بدن ۾ ٻري ٿو ٻري!
تنهنجي نيڻن جي مجبي هِي جادوگري،
تنهنجي پاڙي مان جيڪو وري ٿو ٻري!

(19)

آڳ دل جي پيو هر هر وڌائي اڃان،
ڪوئي خُوشبو جو چولو پيو لاهي اڃان،
هُن کي سمجهايو ٿورو اکين کي جهلي،
واءُ ۾ زهر ڪو پيو مِلائي اڃان!

(20)

واسطن جي ڪُنوارين اکين جو قسم،
رابطن جي اُجارين اکين جو قسم!
هاڻ تان ناهي تُنهنجو هِي نالو لَٿو
ساعتن جي لڄارين اکين جو قسم!

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

(21)

اُڏارا سهارا، ستمگر هوائون،
اجا دلرُبائُون اڪيليون ٻرن ٿيون،
نئين اجرڪن ۾ لِڪل لُڙڪ آهن،
اجا وحشتن ۾ وفائون ٺرن ٿيون!

(22)

توکان پرتي جڏهن به ٿيا آهيون،
درد اڳِ کان گهٽو ٿيو آهي،
چنڊ پنهنجي خُوشي جو پو جانان،
دل جي اُپ مان هليو ويو آهي!

(23)

توکان وڇڙي ائين ٿيو آهي،
خواب پنهنجا رهيا خساري ۾،
بدنصيبي عجيب آ وڇڙي
پاڳ پنهنجو نہ ڪنهن بہ تاري ۾!

(24)

ڪائي آڌي اجا نهاري ٿِي،
پنهنجي ڦهري لباس ڪاري ۾،
اڄ بہ زخمي اندر جي هستي آ،
اڄ بہ تو آ رکيو وساري ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(25)

شامُون لڳڻ ھا مھڪڻ، تون پروسو رکين ھا،
گُذري وڃڻ ھا پن ڇڻ، تون پروسو رکين ھا،
تو مات ڇي ٻڌي ڏي ڇو آھم ايڏو ڀانيو؟
ڇُوڙيون ٻه ڪن ھا ڇڻ ڇڻ، تون پروسو رکين ھا!

(26)

نئين ڄاڳ ڏسجئو بغاوت ڪندي،
امن کي سفر جي علامت کندي
ڪٿي ڪونه رھندي عذابي ڪتا،
دغا کي اُگھاڙو صداقت ڪندي!

(27)

ڇو ٻڌجي ڪاتي مات وڃون!
اُٿ ھاٿي دل جي ڳالھ ميون،
ڪا آگ لڳايون مقتل ۾،
اڄ، اونداھيءَ جو ڳات ڀڃون!

soomrosindhiadab


Scanned with CamScanner



يادگيرين جا غزل پالا ٿيا.
درد هن برسات ۾ آلا ٿيا.

موسمن سان دوستيون گھٽجي ويون،
شهر، دل جي سوڳ جا چالا ٿيا.

ڪوڙ پيو تاريخ جا لکندي اجان،
رهزنن جا معتبر نالا ٿيا.

چند جهڙو ماٺيو آ دربدر،
غم تڏهن آهن وڏا تالا ٿيا.

تون گلابن وانگيان ناهين سُتي،
نيڻ تنهنجا هن تڏهن هالا ٿيا.

رات مُرلين جهنگ جُھومائي ڇڏيو،
جوڳياڻين جا اُپا والا ٿيا.

اڄ پتائي نيڻ پيو پنهنجا اکھي!
سنڌ جا ڏس چور رکوالا ٿيا.

PRICE: RS.130

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

